# مُنظومِ مُحمدی

کلام

## حضرت مُحمّد فقیر گھوٹو



Gul Hayat Institute

مُرتب: ڈاکٹر حاتم علي تالپر

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

"اسان ساڳي سِر سُلطان آهيون،
پڙهي آيت اَلاِنُسَانَ آهيون"

# مَنظُومِ مُحمّدي

## ڪلام

## حضرت مُحمّد فقير گهوٽو

درگاھ ڳوٺ حُسين پيلي شريف

تعلقو ۽ ضلعو گهوٽڪي، سنڌ

مُرتب:

**ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر**

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب جو نالو: **منظوم محمدي**

[كلام حضرت مُحمّد فقير گهوٽو

درگاهہ ڳوٺ حُسين هيلي شريف ضلعو گهوٽڪي

مرتب: ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر 03332853386

ڇپائيندڙ: مولوي عبدالغني گهوٽو

ايڊيشن: پهريون

تعداد: 500

سال: 2016ع

ڇپيندڙ:

كمپوزنگ: سخاوت علي جتوئي 03003067747

ٽائيٽل: اسد الله پنهور

هديه: 700 روپيا

Gul Hayat Institute

**ملڻ جو رابطو:**

درگاه مُحمّد فقير گهوٽو، ڳوٺ حسين هيلي شريف،

تعلقو ضلعو گهوٽڪي، سنڌ

**مهتمم:** سائين صادق علي عرف اقبال فقير گهوٽو

موبائل نمبر: 03363441083

Scanned by CamScanner

# حضرت مُحمّد فقیر گھوٹو رحمۃ اللہ علیہ



Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "مَنظُومِ مُحَمَّدِي"

[حصو ٻيو]

## (بيت، سِہ حرفيون، لُغات)

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## ”شانِ مصطفيٰ ﷺ“

(1)

”لَوۡلَاكَ لَمَا خَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاكَ اَحۡمَدُ“،
هر صورت سان عجب اخلاقُ اَحۡمَدُ،
هادي هدايت هَوشوَرُ حَقُ پاڪُ اَحۡمَدُ،
”اَنَا اَحۡمَدُ بِلامِيۡمِ“، اَحَدِيَتَ اِملاڪُ اَحۡمَدُ،
”اَنَا نُورُاللّٰه كُلِّ مِنۡ نُورِيۡ“، اڪثر اتفاقُ اَحۡمَدُ،
”رَبِّ اَرِنِيۡ لَنۡ تَرانِيۡ“، پهري پوشاڪَ اَحۡمَدُ،
”تخت هزاري جو سائين“، وري چوائي چاڪُ اَحۡمَدُ،
دادلو ديهيءَ اندر، دُرُ دردناڪُ اَحۡمَدُ،
معشوق مُطَهَّر مُصطفيٰ، عين ٿيو عوشاقُ اَحۡمَدُ،
”مُحمّد“ پنهنجي موج ۾، اعليٰ اِستِغَراقُ اَحۡمَدُ،

Gul Hayat Institute

## ”شانِ مَولا علي مشڪل ڪُشا“

(1)

مَظهَرِ نُور نروار جَمال مَولا،
جابِرِ جَنگِي جذبيدار جَلال مَولا،
قائم قُربدارُ قَرارُ ڪَمالُ مَولا،
واحِدُ وَحدتَ جو واپار وصال مولا،
دائم دُلدُل جو هَسوارُ هر حال مولا،

Scanned by CamScanner

ڪبريائين ڪوٽَ ڪُفر جا، نعري ساڻ نِهالُ مولا،
پُر پياري ساقي، ڪوثر ڪَلال مولا،
اَحسَن اعليٰ عاشقن، اندروني احوال مولا،
دَردُ دَردَ وارن جو، دلبر داتا دَلال مولا،
اِسمُ جِسمُ روح دَمُ، خَفِي خيال مولا،
بيحد بالا بي مثل، "مُحمّدُ" مثال مولا،

(2)

هَر مَظهَـرُ آ مولا، اعليٰ اَسَدُ الله چوان،
والي وحدت واصل، واحِدُ وَجهُ الله چوان،
يَسمَعُ يُبصِرُ يَنطِقُ، ياوَرُ يَدُ الله چوان،
كُلِ شيءٍ قَدِيرُ قائمُ، ڪامل ڪَرمُ الله چوان،
اعليٰ عَلِيمُ اڪبر، اَحمَدُ عبدالله چوان،
نَذِيرُ مُنِيرُ بَشِيرُ، بالا بلند بـَقا بِالله چـوان،
هر صورت سان هردم، "مُحمّدُ" مَقالُ الله چوان.

(3)

Gul Hayat Institute

يا علي يا علي، وَرُ وارثَ وِيـرُ وَلِي،
تو ڪان سواءِ سَيدا، ٻي ڪانهي ڪا ڳَلِي،
رَسُ اچي تون رَهنما، هن حَقِيرَ وٽ هلي،
شاهِ مَردان شيرِ يَـزدانُ، مرد ميدان مَلهِي،
يلا ڪر يَلِي، "مُحمّدُ" جي منتارَ تون.

Scanned by CamScanner

(4)

يا علي يا علي، عاجز مٿي امداد ڪر،
لقب "لافتَح اِلاَ" جي، دلبر اچي دلشاد ڪر،
هر مشڪل آسان تون، عاشقن آزاد ڪر،
بِرهه جو بَهرو ملي، بُرايون برباد ڪر،
"مُحمّدؐ" سان تون مِهر مَئون، مَهدار اچي مِيعادُ ڪر.

## "حُبِ پَنجتَن پاڪ"

(1)

حَسَن مِيرَ حُسين جي، مون ڪي چاڪَن ڪيو آ چُورُ،
دانهون ڪيان درد مئون، جو سُونهُون ٿِيَڙو سُورُ،
اٺم اُليلَ اندر ۾، مون ڪي پيو پرين جو پُورُ،
"مُحمّدؐ" جي حاصل ٿئي حُضُورُ، تہ اولا لهن اکين جا.

(2)

پر ڪريان عرض الله ڪي، من والي وَرنائي،
پَروَرُ هِنَ پياسي ڪي، پنجتن پاڪ پَسائي،
"مُحمّدؐ" جي رهبر رَسائي، تہ ڳُوندر مڙيئي گم ٿين.

Gul Hayat Institute

(3)

حُبَ پنجتن جي اٺم، توڙي چَونِ پيا رافضِي،
دَرَ ڇڏيندس ڪينڪي، توڙي چون پيا رافضِي،
پيو واهر وسيلو ڪونہ ٻانيان، توڙي چون پيا رافضِي،
سِرَ مال قربان ڪيان، توڙي چون پيا رافضِي،
دارين ڪئون مون دَستُ ڪنيو، توڙي چون پيا رافضِي،
ديدار جو قائل آهيان، توڙي چون پيا رافضِي،
مُشتاق "مُحمّدؐ" تن جو آهيان، توڙي چون پيا رافضِي.

Scanned by CamScanner

(4)

لَڙَهہ لڳُسِ پنجتن پناري، اَصلئون آهيان مان رافضي،
شانُ شاياڻ هر دم ڳايان، اَصلئون آهيان مان رافضِي،
آهيان گداگر دَرَ تنين جو، اصلئون آهيان مان رافضِي،
عاشق آهيان الست کان، اصلئون آهيان مان رافضِي،
صادق ثَناگَر سَربَسَر، اصلئون آهيان مان رافضِي،
تعريف جي طاقت ناهين، اصلئون آهيان مان رافضِي،
"مُحمّدؐ" مُڪائي نا سگهان، اصلئون آهيان مان رافضِي.

## "شانِ بادشاهہ پِير دَستگير"

(1)

دامن دستگير جي، مان اصل ڪين ڇڏيان،
ڏسڻ خاطر دوست جي، اوطاقان اڏيان،
راتيان ڏينهان روح ڪي، گوهَر ساڻ گڏيان،
سِڪَ صحبت ساڻ سَڏيان، "مُحمّدؐ" چئي محبوب ڪي.

(2)

دستگير جي در تي، وڃن جي سوالي،
ڪنهن ڪي ڇڏي ڪينڪي، مُورَئون هُو خالي،
ڏي ڏاتـــر ڪـئــون وٺــي، فــيــض فِــي الْـحالِــي،
"مُحمّدؐ" بغداد جو والي، ماڙ ڪندو مسڪين جي.

(3)

دستگير جي در تي، تون دانهون بيٺو ڪَرِ،
من ڪا مِهر مٿون اچِي، وارثُ ڪري وَرِ،
آهي اصل ڪئون وٺي، بيڪَسن جي يَرِ،
"مُحمّدؐ" جڏهن دوست اچي دَرِ، تڏهن مُونجهاڻ لَهن مَن جون.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(4)

وَرُ وارثَ وَرَ تون، دانَئَہ دستگير،
ٻُڌيءَ کي ٻانهن ڏئي، سچا ٿپائج سِيرَ،
تو بنا هن ديس ۾، آهي ديواني دلگير،
هاڻي ڏي تون ساهَ سُڌِيرَ، "مُحمّدُ" کي منهنجا پرين.

(5)

داتا دستگير کي، ڏاتر ڏني ڏاتِ،
تون لڳَ لَڙهہ تَنهنجي، ٻي وائي نہ رک واتِ،
آلِ رَسُول الله جِي، ٻِي کهڙي پُڇين ذاتِ،
"مُحمّدُ" سَيِّدُ ٿيندو ساتِ، اوُکي ويل اَڙيَن سان.

## "سُرسَسُئِي"

(1)

Gul Hayat Institute

آهي نہ آهي ڙِي، منهنجو خان پنهل حق آهي ڙِي،
وَريتِن کي ويڻ ڏيڻ، وري وڄ وارن جو ڇا هي ڙِي،
کانہ وٺي تي کيچن رِيءَ، ڪا سرتيون مون کي ساهيڙِي،
کير آهي جا دَمُ هٿي ٿي، چاڙه اِنهيءَ تئون لاهي ڙِي،
ويندس ويندسِ مُورُ نہ رَهندسِ، دبِ سيئي ڊاهي ڙِي،
ٻاروچَل هِن ٻانيڻ کي تو، چاهَ مَنجهانرُوُن چاهي ڙِي،
ويندسِ کَدَ ڪاهي ڙِي، "مُحمّدُ" ملڪ مکران ڏي.

Scanned by CamScanner

(2)

قَتِيل کي تہ فراق ۾، آهي جهوري ۽ جُهرڪو،
ٻاروچل ٻاجهہ مٺون، ڏي ٻانيڻ ڪي ٻُرڪو،
هِيٽيءَ ڪي هِينئين ۾، هوتن جو هُرڪو،
سَدا سرتيون سوز ۾، ڪيچن لاءِ ڪُرڪو،
ويچارِيءَ واٽ تي، اَچي گَڏجي گُرڪو،
"مُحمّد" محبوبن جو، لُونءَ لُونءَ ۾ لُرڪو،
ساه اندر سُرڪو، پلپل چام پنهونءَ جو.

(3)

چو سُمهين سَسُئِي، چو پنهون خان نِيَن،
کهڙو ڏوهہ ڏيرن ڏِئين، چو ڪَيُئہ اوجاڳو نہ اکيَن،
"مُحمّد" پنهون سي پَسيَن، جن نيٽن ننڊ ڦٽائي.

(4)

سَسُئِيءَ جو سَڱُ، آهي اصل آريءَ ڄام سان،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، شل لڳين پوي نہ لَڱُ،
روحاني رنگ، ٿيو "مُحمّد" سان محبوب جو.

(5)

سَسُئِي وڃ نہ سُڃَ ڏي، اڳيئون روڃَهہ ڪَرِن راڙيُون،
هڪ بَر وَڏو ٻيو بار گهٽو، ٿيون سُورَ وڃن ساڙيُون،
ڏِسِي مُئيءَ جو ڏِيل ڏَري، اِهي ڏُونگر ڏِهاڙِيُون،
وڃ چِڪَڻ مان چاڙِهيُون، "مُحمّد" ڪي منهنجا پرين.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(6)

سَسُئِي جو سِيرُ، رَکُ ٻاروچَل ٻاجهه پويئي،
هَنيو تَئِي هِينئين ۾، کوهيارل کو کِيرُ،
کيو چُڪِيءَ چَرِيءَ کي، چاڪُ اندرَ ۾ چيرُ،
تون پنهل آهين پِيرُ، "مُحمّدؐ" جو ميثاق ڪئون.

(7)

سَسُئِي ويچاري، راتيون ڏينهان رَڙندِي،
سبهَ درد فراق جا، پرت منجهان پڙهندِي،
ٿَرن بَرن بَحرن ۾، اُها ڪاٽي نا اَڙندِي،
جنهن جو پيچ پنهونءَ سان، سا مُورٺون نا مُڙندِي،
"مُحمّدؐ" سور اِنهيءَ سَڙندِي، ٻانيڻ ٻاروچَل لئہ.

(8)

سَسُئِيءَ جو سينگار، عشق وڏو آ اُجلي،
جَمندي جام پنهونءَ سان، ڪيو ويچاريءَ واپار،
ڪِينَ اچي ٿو ڪڏهين، ڪامڻ کي نہ قرار،
"مُحمّدؐ" محبوبن جو، ماري مَرمُ ميار،
ووڙيندي وڻڪار، مِلان جانب جت سان.

(9)

ڪيچن ڳَٽِي ڪانہ، سسئي چڙي ويا سُجَ ۾،
وسريا مون کان ڪِينڪِي، اُهي جايون هَندَ مَڪان،
وَسُ ويچاريءَ نانهه ڪو، جاڙ ڪري ويا جُوان،
اُت هُونگاري هليا، وجي ماڻيائون مَڪران،
"مُحمّدؐ" الله لڳِ اَمانَ، ڪڏهن رَسَندِي ڪيچ ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(10)

جانِ ساماڻي سَسُئِي، تانِ سُورَ پيس ڪاهي،
وجهي وچ صندوق ۾، ڇڏيائون سَمُنڊين لوڙهائي،
آئي هَٿِ ڪَتِيءَ جي، جنهن چُست ڳِڌِي چائي،
پنهون ڪيچ مڪران ۾، تو سُورهيه سڏائي،
تنهن ٻاريس باهه بره جي، لُونءَ لُونءَ ۾ لائي،
ڇڏيائين شهر ڀنڀور کي، وَڻَ وَڻَ واجهائي،
"مُحمّد" ٻانيَڻِ ٻاڏائي، ٻَهڳُڻ هوتَ ٻروچَ لاءِ.

(11)

سَسُئِي ساماڻي، سُورَن ساتَ ڀَريا،
مَن ۾ محبوبن جا، محبت مَچَ ٻريا،
ٻانڌِي ڪري بلوچ کي، تِڪيا ڪِينَ ترِيا،
مَيا موتِي هليا، شل چانگا ٿين چريا،
دانهون درد فراق جون، ٻُڌِي ڏونگر پئي ڏريا،
"مُحمّد" چئي مُورَهِين، اُهي ويا ڪِينَ وريا،
پوءِ تاڪَ اُنهين ٿَهِريا، جاتي اصل هُياسين اڳِهين.

Gul Hayat Institute

(12)

قَدرُ ڪيچ ڏٺين جو، هِڪَ سَسُئِيءَ سُڃاتو،
ڳِين خبر نہ خان جي، جن لاتو تن چاتو،
عشق سَندي آڙاهَ ۾، پير پتنگن پاتو،
"مُحمّد" نيائي ناتو، ڪاهي هلي ٿِي ڪيچ ڏي.

Scanned by CamScanner

(13)

سسئي تي ساري، پلپل ڄام پنهونءَ کي،
ڏي تي شهر ڀنڀور کي، ٻارڻ سا ٻاري،
ڀيرين پيادي پنڌ پئي، اُپي اوساري،
ڪُوڪاري تي قلب مؤن، ڏونگر پئي ڏاري،
ويلَ نه وساري، "مُحمّد" ڪيچ ڌڻين کي.

(14)

ڀينـُـر شهر ڀنڀورَ ۾، بيوس ڪيئن بيهان،
برهمڻ ٻاڄ لَئِہ، ڪَيُون رَنڊَن تي رِيهان،
پنڌ ڪندي پِرَ ڏي، ڪيان وينتِيُون وِيهان،
اديون آريءَ ڄام جي، شل ڪَنِ پون ڪِيهان،
"مُحمّد" مُئِي هانُ، ڪاڻ ڪوهيارل ڪانڌ جي.

(15)

آڏيءَ رات اُٿن کي، وٺا ڪيچِيئڙا ڪاهيُون،
ماري هِيءَ مسڪين ويا، ڏيئي بره سنديون باهيون،
آئون به ويندِيس، اوڏهين، لاڳاپا لاهيون،
سِڪَ سمهڻ نه ڏي، اندر منجهه آهُون،
سَسُئِيءَ صَلاحُون، ڪيون "مُحمّد" چوي ملڻ جون.

(16)

آڏِيءَ رات اُٿن کي، ويا ڪامل قَطاريُون،
نماڻِيءَ کي ننڊ مئون، ويا نه اُٺاريُون،
"اَلْفِراقُ اَشَدُّ مِنَ الْمَوْتُ"، گوندر گُذاريُون،
اديون عجيبن اڳيئون، "مُحمّد" هِنُ زاريُون،
سَسُئِي سَنياريُون، شل پرين نيندا پاڻ سان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(17)

سَسُئِيءَ جي مِ سَنيارَ، آٽي لهندو ڪيچ ڏٽي،
پَهَڻ پير پِتُون ڪيا، پورهيتِ جا مِ پَٽي،
ضعيف تي زاريون ڪري، منهنجي پرين ڪانَ ڳَٽِي،
"مُحمّد" جا صاحب ڪي مِ وٽِي، تنهن تي صبر ڪيو آ سَسئِيءَ

(18)

يَنيورئون پورِي، چو ڪَرِين ڪيچ ڪَشالا،
پنهون پاڻهين اينڊءِ، ڇپَر مِ چوري،
چِڏي ڏي تون چوڪرِي، جِهجَڻ ۽ جهورِي،
ڏيرن ڪنهن ڏاءَ سان، نِيو ڇَئنچَل ڪي چورِي،
"مُحمّد" چوي مهل اُنهِينءَ، ڇِنُ ڏڪن جي ڏورِي،
ڪيچين جي تورِيءَ، سَري ساعت ڪينڪي.

(19)

پنهل پيدا تيو، ساتَ ڏٽي سَرورَ،
بيٺو بيپرواهه تي، نعرو هٽي نَـرُ،
سڄي ڪيچ مڪران ۾، آهي ڪُلِن ڪان ڪَٽر،
ايڏي شَفقَت شير سان، ڪَئِي نُورِي نيڪ نظر،
هن ڪامَڻ سان قرب ڪيو، ڏيهَن جي ڏاتَر،
"مُحمّد" اهڙا جن جا ورَ، سي وِلهيُون ڇئجن ڪينڪي.

(20)

سرتيون ڪونهين ساءُ، جانب ريءَ جمال جي،
دانهون ڪيان درد مان، مانَ سُٽي پَرلاءُ،
اَجهو اَتم آسِرو، آهي اَبوجهن اُپاءُ،
لَهندو سُڌِ سَماءُ، "مُحمّد" جو منٺار تي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(21)

ادیون اوجاڳو، پينر ياڳي آئيو،
لهندِس مان لطف سان، لَڪَن ۾ لاڳو،
"مُحمّد" سان ملندو اچي، وِيُر ورائي واڳو،
سرتيون سو ساڳو، واهَر ٿيندو وچ تي.

(22)

جاڳڻ بِنان بَسُ، ڪونہ ملي تو ڪنهن کي،
هٿين پيرين مُونڙين، راه پريان جي رَسُ،
ورتيون وج وِيساه سان، "مُحمّد" گورَن گَسُ،
تِنهان پوءِ پَسُ، تون مشاهدو محبوب جو.

(23)

سرتيون مون سُهاڳ، ڏيندو هن ڏکيءَ کي،
اڻ جاڻ آهيان اَيِري، اصل اَبوجهہ اَياڳ،
"لَا تَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ" آهي پلو مُئيءَ جو ڀاڳ،
"مُحمّد" تي مَهدار اچي، مِيرُ ملهائيندو ماڳ،
پرين پَڌِي پاڳ، معافي ڪندو مڙيَن جِي.

(24)

برهمَڻ پوري، آهيان خان پنهل جي،
ڏيرن مون سان ڏاڍُ ڪيو چاڙهي ويا چوري،
"مُحمّد" جَهڪِي نہ ٿئي، جيءَ اندر جهوري،
لڳي مون لوري، پِريان سَندي پارَ جِي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(25)

اکيون اُنهيءَ پار ڏي، بيٺيون پائي جهات،
ڇپرن ڇنيڻ ڇڏيو، ڏينهان ۽ رات،
ماسِويٰ محبوب جي، ٻي وائي نه اٿن وات،
توڙي ڪُسَن ڪات، ته به "مُحمّد" مُنهَن منار ڏي.

(26)

ڏکيءَ کي ڏونگر ۾، ڪيچي قرب ڪري،
آهَن اَلاپَن تي، واهَلو وِيرُ وري،
اَڻ سُونهِي اوچتو، آيَس منجهه اَري،
ميرا هن مَعذُور جا، ڏوئي ڏيان ڏري،
"مُحمّد" مُئِي آهيان، ظاهر ذوق ذري،
پرين پير پري، اچ ٻاروچَلَ ٻانيَڻِ ڏي.

(27)

آءُ سُپرين لهه سار، تَڪيءَ جي تَرن ۾،
پنڌ گهٽو سُورَ سَوين، آهي تو آڌار،
ڏونگر ڏاڪا چاڙهيون، ٻيُو ٻجهي ٻُلڪار،
اُتي رَسِج آرِي اچي، سُونهارا سردار،
قرب ڪري ڪوهيار، معافي ڏي "مُحمّد" کي.

Gul Hayat Institute

(28)

ڪَنِيزَڪَ ڪيچين جِي، آهيان عيبدار،
ٻي وَڙِيءَ سان وَڙُ ڪندا، سِگهو مون ستار،
لاهِيندا لَڪن ۾، ٻَديَن سَندا ٻار،
ڪيا ڪم ڪچا مون، بيحد ٻي شمار،
پوريءَ جا پتار، ملندا اچي "مُحمّد" چوي.

Scanned by CamScanner

(29)

ڪُتِي ڪُوڪاري، سدا سپرين ڪي،
اڳڻ منهنجي ڪڏهين، واڳ وري واري،
سرتيون انهيءَ سوز ۾، گهاري گذاري،
ماريو مون منتار جي، "مُحمّد" مونجهاري،
ڪونِيُون ڪِناري، ويهاريندا وچ ۾.

(30)

عشق ڪاهئون ڪاهه، آيو مون عجيب جو،
وجودئون ويو هليو، ٿڳيءَ سندو ٿاهُ،
سدائين سوز ۾، پَچِي تِيَس پاهُ،
"مُحمّد" سندو ماهُ، اچي ڪم ڪريم جي.

(31)

رَندَن متاهُون رَڙُ، تون ڪَنيون پير پنهونءَ جا،
ڪِپي سَچي ڪاه تون، جيئن پڙ ۾ قِري جَڙُ،
"مُحمّد" چئي محبوب لاءِ، ڪُنل پيئي ڪَڙُ،
ته مُئِي تنهنجو مَڙه، هرگز هلندو هوت ڏي.

(32)

ويهي ڪِينَ وِسارِ، متان ڪچو ڪَرِني ڪيچي،
سُڪَ سمهڻ چوڙ تون، ڏکن ڏاجُ سَنوار،
"مُحمّد" چوي محبوب جا، پرتئُون پَيچ تون پار،
توڏن جي ۾ تنوار، من ڪَنين سٽِين تون ڪڏهين.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "سُر مارُئِي"

(1)

مارئي تو مَيارَ، متان مارُو ڏين ملير ۾،
ويٺينءَ خوش ڪٽن تي، عمر جي آڏارَ،
ڪائِٺ ڪاڄ ڦٽا ڪر، اَنبن جا آچارَ،
پُسيُون پَڪا پيرُون، سندا ڏؤنرن ڏارَ،
وساريَئِہ ويسلِي، سارِيَئِہ ڪِينَ سَنگهارَ،
ڪٽنديءَ اڳيئون ڪيتَ جي، ڪهڙو مُنهن مَڪارِ،
پري نانهہ پَنهوارُ، "مُحمّدُ" مارُو مَن ۾.

(2)

مارن ريءَ مارئي، هِتِ محلن منجهہ ماندِي،
ڏاڍِي تابَ تِڪي سان، عُمَرَ تو آندي،
وَسَ ويچارِيءَ ناهہ ڪو، بيوس آ باندِي،
هن قضا جي ڪوٽ ۾، ڪي دَمڙا هِيءَ رهندي،
ڪَٽيرِي شل ڪيت سان، ناتو نيائيندي،
وارُ ناهي واندِي، "مُحمّدُ" ماروئڙن ڪئون.

(3)

مارن ڏاران مارئي، اَتيئي اُونده اَنڌارو،
نڪري نروار تِي، ڪُوٽُ ڇڏي ڪارو،
ٻَڌءِ ٻول ٻڪرار سان، ڪج نہ وسارو،
"لَا تَقْنَطُوا مِن رَّحْمَةِ اللّٰهِ" بارُ لٿو بارو،
وريتِن وجود مؤن، ويو "مُحمّدُ" مونجهارو،
سنگهارن سارو، مُئِيءَ تئون معاف ڪيو.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(4)

مارُون کاهي مال، ويٺا وٿاڻن تي،
سانگائتا سُپرين، خوش وَسن خوشحال،
نِڌَر نماڻيءَ کي، سِڪَندي ٿيڙم سال،
اُنهن لاءِ تہ اکين مئون، جَر وهايان جال،
ڪانہ وٽي تي ڀي ڪا "مُحمّد" قيل مقال،
فائق سي فِي الُحال، ماڳ رسائيندا مارئي،

(5)

مارئيءَ جي ملڪ تي، اڄ مُندَ آئي مِينهَن،
تر وُٺا گاہ ڦُٽا، ڪئي گلزاري تہ گُلن،
ڪِرڙ ڪَکورِيا ڦوڳَ ڦُلهارِيا، خوشي ڪئي ڪِيڙن،
سانُوَڪَ مَٽو ساوِڙِي، رونق ڳم ڀِنديرن،
ماڙيچون مال سان، جُڙيُون جهنگ وتن،
پيڏان ٻڪربون گهڻيرا، ڇيهُ ڏنو ڇيلن،
سدا ساري مارئي، "مُحمّد" ماروئڙن،
تن جي تَنوارَن، منهنجو هِيانءُ هيٺو ڪيو،

(6)

پاڙيچا پرين، وَسن ماڙيچا ماما،
ڪٽي ويندِس ڪيت ڏي، گُهرَ گهٽي گامانُ،
ڪين وٽن تنهنجا، تَهريون ۽ طعامانُ،
عمر تون انصاف ڪر، پهچائج سامانُ،
هيٺن تي هتڙا رکي، هڻ هِيسَين سان هامانُ،
ڪڏي ڇڏ قلب مئون، خيَال خلل خامانُ،
"مُحمّد" سائي سمجھ تون، چئي تو جا مان،
دُور ڪري دامانُ، آجِي اَجڙِوالِ ڪر،

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(7)

ويڙهيچا وساريان، ڪيئن لوئِي لڄايان،
پَتَ پَتِيهَر تُنهنجا، مُورَئون ڪِينَ پايان،
راتيون ڏينهان روح ۾، نيٽڻ نيرَ وَهايان،
اُنهن جي اچڻ جون، روز واٽون واجهايان،
قرار ناهي ڪوٽ ۾، ڏاڍي تانگهہ تپايان،
”مُحمّد“ مارن لاءِ، ويئي وِرهُ وَسايان،
پَلائِي تي پانيان، سرتيون سانگِيئَڙن جي.

(8)

ويڙهيچن وِرُونهَہ، ڏني مون کي ڏاج ۾،
سَنڌ سَنڌ سانگيئڙن جي، ساري اٿم سُونهَنُ،
عمر تُنهنجي چا ڪندِي، لُفنگائِي لُونهَنُ،
قِتي کر قِڪا سِکهو، قُندَڻ وارِي قُونهَنُ،
ڪڻ نہ پنهنجي سر تي، ڪارَنهِنُ جي کَلُونهَنُ،
دغائيءَ جِي دُونهَنُ، ”مُحمّد“ ساڙِي سيگهہ ۾.

(9)

ويڙهيچن وائِي، راتيون ڏينهان روح ۾،
جاڳان تہ جِيءُ جَلي ٿو، آهي سُمَهندي سائِي،
سور سَموِيَم ڪينکي، ڪئي ڏکن ڏاڍائِي،
روز ازل ڪئُون لکيو، موڙِي نہ ڪائِي،
”اِنَّ اللّٰہَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ“ سمجهي سيڪائِي،
”قَيْدُ الْمَآءِ“ جي قسم سان، اوڏاهُون آئي،
لِڪئي لڳائي، ”مُحمّد“ مارُوئڙن سان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(10)

ويڙهيچن واڪاڻ، مون ڪئون وسري ڪينڪِي،
عُمرَ اٿم اوڏهين، طلبَ گهٽيرِي تانَ،
هِتِ باغ باغيچا بنگلا، هُتِ پُتا وَسن پانَ،
چڏي ڏي چِرڪُ تون، اوتَ اَجائي آنَ،
بيجاٽِيءَ ڪئون بيزار تي، رک جامن سندي جانَ،
موٽي مسڪينن سان، "مُحمّد" ڪيها ماڻ،
سُومرا تِي ساڻ، ماڳ رَسائج مارئي.

(11)

پنهوارن پري، مون ڪيئن دمَ گذاريان،
سواءِ سانگيئڙن جي، ساعت ڪين سري،
ويچاريءَ وجود ۾، محبت مچ ٻري،
آزاريل اوچتو، آيس منجهه اري،
لکيو لوح قلم جو، ڪنهن تئون ڪين ٽري،
مارن سَندي ماروئي، "مُحمّد" مَرمَ مري،
قادرَ ڪَرم ڪري، ڪڍ بنديائي بند مئون.

(12)

پَنهوارن منجهه پُورَ، ڏنا اوراڻا عشق جا،
آيَلِ اُنهيءَ ڏينهن جا، سُونهان تيڙا سُورَ،
اَچي ڏين اندر ۾، گهايَلِ گهُوران گهُورَ،
ساريندي صبح تيو، راتِ رهيس رَنجُورَ،
درد پِري دانهڙيءَ، ڪِيسَ ڪيا ڪَلُورَ،
پائي جهليا پاند ۾، "مُحمّد" سي منظور،
مُئِي جا مَعذور، معلوم مارئڙن ڪي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(13)

پنهوارن پَهتَ، لُونءَ لُونءَ منجهه لڳي ويئي،
ڪِين ڇڏيندِس ڪڏهين، سانگِن ساڻ سنگت،
ڏوتياڻي هِن ڏيهه ۾، جال نه جَمعيّت،
آهي اُنهيءَ پار ڏي، سچي صداقت،
عيشَ عشرت تُنهنجا، عمر ناهِين عزت،
جهانگياڻيءَ کي جَهل ۾، ضَعِيف وڏي ذلت،
"مُحمّد" مارُيچاڻي، مارُن ساڻ مِلت،
خاڪِي خيال خِلطَ وِسارج وجود مئون.

(14)

چَس نه ڏين تا چُورمانُ، چڱا طعام چَهـرَ،
پُلائَن پَلِي ناهيان، زَردا سِپ زَهر،
سارينِدس سومرا، سانگِن ساڳَ. سِگـرَ،
زَر زيور پَتَ پَنيهَر، پَهريان ڪِينَ پَهر،
لوئيءَ جي لڄ رهي، نه تئي کَتَن خان خبر،
"مُحمّد" منگِي مارُوئِي، مارُن کان مِهر،
جن جي تَرن تي تَهرَ، سي ڪيئن وِهنديون ڪوٽ ۾.

(15)

سُورَ نه سانگيئڙن جا، سدائين سينگارُ،
طعنا تُنڪا تُهمَتان، گُل گُڇيءَ جو هارُ،
ڪٽندِس ڪين ڪيت جي، مَتئون پنهنجي مَيارُ،
آهي اَجـَزوالِ کي، جِيءَ اندر ۾ جارُ،
جيتر جيئَندِس جڳ ۾، عمر تو ڪئون عارُ،
"مُحمّد" مارُوئڙن جو بيحد بره بهارُ،
سَتُ رکِي سَتارُ، ماڳَ رسائيندو مارئي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(16)

مارُين مُنهن نہ مارئِي، آهن پنهوارن پَڪا،
جهانگيئڙا جهوپڙين ۾، جَهلِينِ تيزَ تِڪا،
عمر اجايا عَزم جا، ڏي تون ڪين ڏِڪا،
توڙي تَسيا تَن کي، هُتي ناهي لوڪَ لَڪا،
"مُحمّد" ماروئڙن ڏي، رُڳي روح رَڪا،
وٺن ٿا وَڪا، سُور تہ سانگِيئڙن جا.

(17)

ويهڻ وِهُ ٿيو، پِرِينءَ بِنانُ پَرڏيهہ ۾،
وارِيندو وطن ڏي، واڳان وِيرُ وريو،
وچن ويڙهيچن سان، جو مون ڪالهہ ڪيو،
سوئي ياد پيو، "مُحمّد" چوي محبوب جو.

## "سُر هير رانجهو"

(1)

تون تخت هزاري دا سائين، مانءِ جهنگ سيالڻ جَٽِي،
هير تيڏي سهڻا سائين، ماري دردان قَٽِي،
دل ميڏي دا دارُون تُونهين، ماڳئون مَلمُ پَٽِي،
عشق عقاب دي روز ازلي، آڳي جهنا جَهٽِي،
هڪ دل رانجهن يار حوالي، "مُحمّد" مُور نہ مَٽِي.

(2)

رانجهن يار اسان ڏي ويڙهي، آوين تون هَر وارِي،
اڱڻ اسان ڏي هـردم هوئي، بـيحد بـاغ بَهارِي،
ڪيڙا خَر خُوار نہ ياوي، اصلئون هانُ انڪارِي،
موج اِهين مستاني ڪِيتا، بره لڳا هُڻ بارِي،
بيوس ناقص ڪيا ڪري، "مُحمّد"، هِير ويچارِي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# هِندِي بيت

(1)

جس جَپيا آپ ۾، ايڪ رام ڪا نام،
وہ ڪَيي نہ ڪرينگي، ڪوئي ڪوٹا ڪام،
واہ گرو ڪي گام، "مُحمّد" گُم گيان هَئي.

(2)

جِس جَپيا تِس جَپيا، اور نہ جَپي ڪوئي،
رام ملٹا بڑي بات هئي، سَڌڙيان سُڌ نہ هوئي،
مَرگُ آگي موئي، "مُحمّد" آپي آپ ڪڙوئي.

(3)

جس ڍُونڍيا اُس پايا، اور نهين ڪوئي پتا،
پَرميشَور تو دُور نهين، جوئي لاگ لگتا،
ديڪا جس ني هردي اندر، "مُحمّد" اوئي ملتا.

(4)

پَگِتي ڪرو پَچَن ڪرو، بِن پچن نهين پيد،
ايڪ سانس ڪَمِتي نهين، ملا نارِين ناپَيد،
اونداهي تو مِٽ گئي، "مُحمّد" صاف سفيد.

(5)

جوئي لگا لگت سي، سَتگُر سامي سَنگ،
دونون جگ وچ اُسڪا، هويا نام نِسَنگ،
ڪوئي ڪام نِهَنگ، "مُحمّد" اُس سي مات هئي.

(6)

ڪيون ڪر ساڌو تيرا، پَوَن اُڈتِ آڪاس،
ڌيرج ڌيان سي ويڪو، هئي تمهاري پاس،
ايڪ الک اَنفاس، "مُحمّد" من ۾ ديڪيئي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(7)

ايسا اِس جگ رهيئي، جيسا ڪَوَل قُول،
پريم رس پريت سي، ياگي يَتَڪ يُول،
هر مايا ڪا مُولُ، "مُحمّد" آپي آپ هئي.

(8)

ڪامُ ڪِروڌُ لوڀُ، موهُ اَهنڪار،
ساڌو تم رهيئي، اِن پانچونُ سي بيزار،
تب ديکوگي ديدار، "مُحمّد" مهراج ڪا.

(9)

گُر بِن سِر پايا، ڪِسي نهين،
لاگِي لگن سِوا، رنگ لايا ڪسي نهين،
آتم بنا "مُحمّد"، سَمايا ڪسي نهين.

(10)

ساڌو جانو سَرب مِ، سِري يڳت يڳوان،
ڪاشِي دوار گنگا جمنا، تيرٿ پر ايشان،
ايڪو ايڪ سَمانِ، "مُحمّد" دو جگ ديکيئي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(6)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، ته خيال هڪوئي ڪوڙ،
مائٽ ۽ مِٽَ سان، سَڱ سِياپا ٽوڙ،
موچاري محبوب کئون، منهن پنهنجو نا موڙ،
ذڪر ذاتي ذوق مئون، جُسي ۾ تون جوڙ،
"مُحمّدُ" تڏهين پُڄندين توڙ، جڏهن ياد رکين تون يقين سان.

(7)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، ته ٿيءُ وحدت منجهه غرق،
جدا ٿي جسم کئون، ڏي طمع کي ترڪ،
مُوڙها مڪر فريب جا، ويڙهي ڇڏ ورق،
خودي کپائي خود ۾، تون مُحبَن ساڻ مَرڪُ،
"مُحمّدُ" پوءِ سمجهه ڪونه فرق، انهيءَ فقيريءَ جي فن ۾.

(8)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، ته ڪَهُ ڪلمي جي ڪار،
اُتي اِسۡتِغۡفارَ سان، اندر کي مِ آگهار،
"كُلُّ نَفۡسٍ ذَآئِقَةُ الۡمَوۡتِ" پنهنجو پاڻ سنيار،
"مُحمّدُ" محبوبن کي، وَسئون ڪِينَ وسار،
اُهي ڏاڍا ڏار، جنهن سان مِلين دوست کي.

(9)

جي ياڻئين جوڳي ٿيان، ته چاپاڪي جيان چَپُ،
ايئن ثابت رهه، جيئن سوگهو ڏَر ۾ سَپُ،
اصلئون اَصِيل ٿي، اُبتو ڏي نه ٽَپُ،
چورِ نه ڪنهن سان چَپُ، "مُحمّدُ" هن ميدان ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(10)

جوڳي اُهي چئجن، جي وڙهيا واسينگن سان،
مَنڍُ سِڪي مست ٿيا، پوءِ جوڳي جُوءِ ڦِرن،
"مُحمّد" اُنهن ئي جوڳن، مون مٿيا ڏني مُنهن تي.

(11)

جائي ڏٺم جڳ ۾، مان صورت سَناسِن،
گيڙو رڱائي ڪپڙا، اُهي وڳا ويس ڏِکِن،
اصل اِها نانهين، ادا عادت اَصِيلَن،
"مُحمّد" سَناسِي سيئي سڏجن، جن وساريو وجود کي

(12)

بر ۾ بيراڳن جا، ڏُونهان درد دُکن،
سامِن سُچ قبولي، اَزلي آديسين،
راتيون ڏينهان رِندَ، ڪن پيا پنڌ پَٽن،
ڪنهن کي ڪين چون، "مُحمّد" مَتا موج ۾.

(13)

بر ۾ بيراڳن جا، مَڙهيُون ماڳ مَڪانَ،
آڏُوتين اَڏيا، اُتيئي اَستانَ،
وينا ويراڳي، وسائي ويرانَ،
جوڳي جُنگَ جُوان، "مُحمّد" مچي مرد ٿيا.

(14)

بر ۾ بيراڳن جا، وسن پيا وَٿاڻ،
اُيا الک سامهان، ٻي اوٽَ نه رکن آڻ،
"مُحمّد" پريا پريور ٿيا، محبت سندا ماڻ،
ٻاروچل ٻاڻ، هنيا هِنگلاڄن کي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(15)

بر ۾ بيراڳن ڪيو، بيڪ عجب ياپُوت،
لانگوٽيا لُنگَ ۾، سدا رهن ثابُوت،
"اَحۡيَآءٌ عِنۡدَ رَبِّـهِمۡ- لاَيَمُوۡتُ وَلاَيَفُوۡتُ"،
عشق جنين جو قُوتُ، "مُحمّد" سي مَسرُورُ ٿيا.

(16)

بر ۾ بيراڳي، جوڙن ٿا جايون،
اوران اورِن الف سان، لوڪئون لڪايون،
"مُحمّد" منجهيئي ڇڏيون، جوڳِن جَتائون،
وَحدتِـي وايون، ويٺا ڪن وصال جون.

(17)

سامي رهيا سِڪَ ۾، ٻي سامِن ناهي سارَ،
"فَاذۡكُرُوۡنِيۡ اَذۡكُرۡكُمۡ"، گويائي گفتارَ،
اورن ويٺا الڪ سين، پِرتِ وَندن پَچارَ،
"صُمٌّ وَّ بُكۡمٌ" سُڪُوت ۾، سُونهارا سردارَ،
اُنهن کي ته عجيب جي، لُونءَ لُونءَ مَنجهه لَغارَ،
"مُحمّد" تي مُختيارَ، قابو رهيا قدم تي.

(18)

سامِن کي سُج ۾، آهي سدائين صحت،
ٻُک اُج ياڳي تنجي، آهي عيش عزت،
آهي راحت روح کي، ذرو ناه ذلت،
وسي پئي واحد جي، رندن تي رحمت،
قبولي ڪاهي هليا، رهبر ساڻ رهت،
"مُحمّد" تي مِلت، وَحدَهٗ وصال ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(19)

وَحدَتَ وصال ۾، سدا رهن سامي،
اصل اُهي الست کان، رهيا انجامي،
ڪڏهن وجهن ڪينڪي، خيال پنهنجي خامي،
خيال ملائي خيال ۾، ٿيا عاشق انعامي،
ڪاڏي ڏسن ڪينڪي، اُهي دُولهَہ دَوامِي،
عارف آرامي، "مُحمّد" مست مقيم ٿيا.

(20)

آديسن احوال جي، خبر هُئِي ڪَرِي،
ويا واهيري پنهنجي، موٽيا ڪين وري،
اُنهن جي تہ الست کان، سڀ رِيءَ سَرِي،
هڪ ٿي ويئا حق سان، لاهي پَلَ پَـرِي،
هٿ ڪيائون هينئين ۾، ڪاجا ڳالهہ ڳري،
'مُوتُوا' ويا مري، "مُحمّد" اُنهيءَ ماڳ تي.

(21)

Gul Hayat Institute

آديسين احوال جي، آهي ڪَرِي هِيءَ خبر،
ڪڏهن ڪَرِن ڪِينڪِي، اُهي پرائي پَچَر،
ويچارن ويڙهي رکيا، سَندا مَنَ مَڪَرَ،
ڪُڇن پُڇن ڪينڪي، اورن پيا اَندر،
هُنن کي هر جاءِ حق، آيو نُورُ نظر،
تنين جي ڪَمَر، "مُحمّد" قابو آهي قيام تائين.

Scanned by CamScanner

(22)

آديسن احوال جي، آهي خبر هيءَ خاصِي،
”قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ“ ڏِسُ ماءُ نہ تن ماسِي،
اُنهن بِي تہ عدم کئُون، باسَ اِها باسِي،
ورتائون وحدانيت جي، راهَ رِندِي راسِي،
وينا وٺن وِرِهَ ۾، چاش چَڱِي چاسِي،
وَطنَ جنهن واسِي، ”مُحمّد“ وڃن اوڏهين.

(23)

لانگوٽيا لباس، پَهري وينا پِرت جو،
اُنهن جو تہ عجيب لاءِ، رهيو خيال اُداس،
کائڻ تن خوراکَ ٿيو، منجهائئون ماسُ،
حيرت منجهہ هَجِي ويا، وحدت وٺن واسُ،
”مُحمّد“ مَحُوُ موج ۾، ٿيا خوديءَ کان خلاص،
حَسرت ۽ هِراس، ڪڍي ڇڏيائون قلب مان.

(24)

لانگوٽين جي لاتِ، لَڪڻ ۾ ڪين اچي،
ظاهر ڏسي ڪونڪو، آهي صَدرِي سُرساتِ،
دائما دَرُونِي، جهاتِ ۾ پائن جهاتِ،
روپوش رهن تا رند، ڏينهان ۽ رات،
آهي عَيانِي تن کي، منجهيئي موجودات،
”مُحمّد“ ملاقات، اُهي ماڻن تا محبوب جي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(25)

لانگوٽين کي لِڄَ، آهي سدائين سُبحان جي،
هڪ منجهه حيران ٿيا، ٻي نہ ڪيائون پُڇَ،
همت سان هوشيار ٿي، موڙي پٺيائون مُڇَ،
هنن ڪان تہ هلي ويئي، بدڪاريءَ جي ٻُڇَ،
وندر جي وِرڇَ، "مُحمّد" ڪن پيا من ۾.

(26)

ويراڳن ڪئون وِيءُ، ڪڏهن وسري ڪينڪي،
چَرن پِيَن چُست سي، خُماريَل ڪِيءُ،
جَلائن جوش مئون، جان جُسو ۾ جِيءُ،
ڪاهوڙين ڪاڏيُون وجي، سندو سُخن سِيءُ،
رد ڪري سڀ رِيءُ، "مُحمّد" صافي صاف ٿيا.

(27)

ويراڳن ويهي، سور پرائي آءُ تون،
ولائتي واڪاڻ جي، رمز تنين ريهي،
ڪاڏي ڏسن ڪينڪي، ديد رکن ديهي،
ويا ناسُوتئُون نڪري، پورب ۾ پيهي،
ٻي ڳالهہ ڪريان ڪيهي، "مُحمّد" تنين موج جي.

Gul Hayat Institute

(28)

ويراڳن واسُ، ورتو وحدانيت جو،
هڪدم هليو ويو، هستي ۾ هراس،
اولائتا عام ڪئون، رهيا خاصُ الْخاصِ،
گُر سندي گيان ۾، گسِي تيڙا گاس،
رچي تيڙا راس، "مُحمّد" روحي رنگ ۾.

Scanned by CamScanner

(29)

ويراڳڻ وائِي، سدائين سُبحانَ جِي،
جاڳندي جوُلان ۾، سُمهندي پڻ سائِي،
"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى" رڳ رڳ ۾ رائِي،
"فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" دَمُ نہ جدائِي،
"مُحمّد" مولائِي، سدا گھارِن سُورَ ۾.

(30)

سدا گھارن سور ۾، سُک تنين ناهي،
"طَالِبُ الْمَوْلىٰ مُذَكِّرٌ" سِکَ رکيائون ساهي،
خام خطرا خوف خارج، ڊوه ڇڏيائون ڊاهي،
"مُحمّد" مُتريا کينکي، توڙي چڙهيا ڦاهي،
ڪَوُنتَل ڪُڏائي، مَلهيا سي ميدان ۾.

(31)

مَلهيا سي ميدان ۾، بانکا بي پرواه،
"نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ" هادي شهنشاه،
"اَلْفِرَاقُ اَشَدُّ مِنَ الْمَوْتُ" ورتل سي ويساه،
وينا وڃ تي کينکي، "مُحمّد" ڪاهو ڪاه،
سِرُ ڏَرُ مُندي ۽ ماهُ، گھورِيائون جان جتن تئون.

(32)

نانگن کي نينهن جي، لَنئون لڳي لورِي،
تنين کي تنهن ڏينهن کان، جِهجَڻ ۽ جهورِي،
اوران اورِن عام کان، چَئنچَل سي چورِي،
گهايل پنهنجي گهوٽ تان، گهورِن سر گهورِي،
ڏُکايَن ڏورِي، "مُحمّد" هَٿِ محبوب جي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(33)

نانگن کي نينهن جي، وات سدا وائي،
”فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ“، دم نه جدائي،
ڪڏهن ٻڌن ڪينڪي، پڄر پرائي،
پنهنجيءَ ۾ پورا رهيا، سالڪ سدائي،
ٻوڙي ٻيائي، ”محمّد“ مرد منصور ٿيا.

## ”واسينگن جا بيت“

(1)

واسينگن جي ويڙه ۾، ڪي جوڳي جوان اچن،
ڦوڪي تنهينجي هڪڙي، جبل جهنگ جلن،
منڊ منتر مرليون، واڄا لڪ وڄن،
ڪن رمزن سان ريجهن، ”محمّد“ مٽيادار ٻي.

(2)

واسينگن جي ويڙهه ۾، جني لڳو ڏنگ،
اُمالڪ اُتي ڪري، تني پُڇو جهنگ،
اُنهن جو عشق ۾، رهيو خيال ختنگ،
ڏوڙي ٽپيا ڏنگ، ”محمّد“ سي مردان ٻي.

(3)

واسينگن جي ويڙهه ۾، آيا جوان هلي،
ڏڪائي ڏونهان ويئا، مچي مرد ملهي،
مُڙيا نه مشتاق سي، توڙي ويا ٻجلي،
پوءِ تنڪي ڳلي ”محمّد“ هٿ آئي حبيب جي،

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

(4)

واسينگن جي ويڙهه ۾، اچڻ آهِ اوکو،
لاهي سانگو سر جو، سدا سو سؤکو،
ويساهيءَ جي واٽ ۾، وجي پيو وائکو،
جُنگن کي جوکو، "مُحمّد" ڪڏهن ڪينڪي.

(5)

واسينگن جي ويڙهه ۾، سِرُ ڏجي ساهي،
پتنگ جان پرواز تي، ڪوڏ منجهان ڪاهي،
سر ڏيڻ وڻڻ، سؤدو سَراسَر آهي،
ڪاڏهؤن ڪَس ناهي، "مُحمّد" مَنصبَ دارَ کي.

## "سرڪاپائتي"

(1)

ويهي آتڻ وچ ۾، چَرخي کي تون چورِ،
"مُحمّد" مُنهُن مُونَن ۾، ائٽ الستي اورِ،
ڏکن سندي ڏورِ، جَڙي چڙ جسم سان.

(2)

ويهي آتڻ وچ ۾، چَرخي سان رک چاهُ،
"مُحمّد" جوڙِيُون جُهدَ مئُون، نيڪ ڪري تون تاهُ،
عاشقن الله، ذرو ضايع نہ ڪري.

(3)

ويهي آتڻ وچ ۾، چرخي جو وَٽ چَسُ،
"مُحمّد" مچي موج ۾، تَندُ وجهي نہ ترَسُ،
قادر ڪنهن کي ڪَسُ، ڪڏهن لائيندو ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(4)

ويهي آتڻ وچ ۾، چرخي کي تون ڪَتُ،
سُڪائج سوُز ۾، ”مُحمّد“ رڱن جو رَتُ،
سَتِن جو سَتُ، قائم ڪندو قادري.

(5)

ڪتڻ واريون ڪي، لين ٿيون هن لوڪ ۾،
جَنين سُتُ سَموئيو، مَـرُ مَرڪَن سي،
”مُحمّد“ مُڙن جي، تن ڪانُيارِن ڪِينَ ٿيو.

(6)

ڪاتارِن ڪَتِي، پُوڻِيُون سڀ پُڄائيون،
هِن پاندِي هڪڙِي، اجا ڪِينَ ڪَتِي،
ڪَتڻ پاجهئون نہ ملي، رُوحِي راز رَتِي،
جيڪا مؤج مَتِي، ”مُحمّد“ ميلو تنهن ٿيو.

(7)

ڪَتيُون جي ڪَتِن، تَنهين وسو ناهين وار ڪي،
”مُحمّد“ محبت سان، تِڪِي تَندُ وجهن،
اُهي ڪلِيُون کير پِيَن، سَرِتِن سان ساڻيھ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "سر مُومَل راڻو"

(1)

سوڍا ٻيا ٻي سَوَ، مَٽُ نہ پانيان مينڌري،
آئِي اُنهين ڏينهن کان، پيولَ ويا ڪُل پَوَ،
رهبر ڪئي رهبري، رمز رنداني رَوَ،
تيزَ تِکائي تَوَ، "مُحمّدؐ" مڙيئي معاف ٿيا.

(2)

راڻي رُوبَرُوءِ، سوڍي اچي صلح ڪيو،
جانب جدائي ڏينهن ويا، خاصي ڏسي خُوءِ،
مِهر منجهائون مينڌري، ڪاڪ وَسائِي ڪُوءِ،
"مُحمّدؐ" مُوءِ بَموءِ، وِٿِي ناهين وار جي.

(3)

راڻي ڌاران روح ۾، وِٿي نا وائِي،
مينڌري مستان ڪيو، جوش جاڳيو جائِي،
سُک سمهي سيج تي، ساجُهرِ سَيِکائِي،
اصل روز الست کئون، لَئون تَنهِين لائِي،
"مُحمّدؐ" ماندائِي، وچي ڪين وجود مَئون.

Gul Hayat Institute

(4)

سوڍي سِڪَ منجهان، اچي ڪامل ڪاڪ ڪَئِي،
هن ٻِي ڪيئي گهوٽ گنوايا، رمزن ساڻ رَئِي،
تَنهنجي فَند فريب جي، ڪَلَ ڪنهن کي ڪانہ پَئِي،
تخت طِلسمات جو، رکيائين ٻي يَئِي،
تالانُ ڪيائين تَهدِلئون، چاڻ وجهي چَئِي،
پوءِ مومل نيت مَئِي، "مُحمّدؐ" انهيءَ مُونجهہ ۾.

Scanned by CamScanner

(5)

مومل جي محلات کي، وَرَ وَڪُڙَ ويرا،
موٽيا اچن منٿ ۾، ٻُلا ڏئي ٻيرا،
پري کئون پانڌي اچي، پچائن پيرا،
"مُحمّد" مومل جي، گهَرِ گهِريا گهيرا،
دوستاڻا ديرا، سورهيه ماڻن سيگهَه ۾.

(6)

مارِيو آ مومل کي، ميندري ماڻي،
رِتَ ڪري رمز سان، رَندِ هَنيُسِ راڻي،
قتيل آ فراق ۾، آبُ اکيُن آڻي،
آءُ سِڳهو مِلُ اچي، هن ٻوريءَ جي ٻاڻي،
چاڻيندڙ تو چاڻي، "مُحمّد" انهيءَ مام کي.

(7)

مومل پئي محلات ۾، سارِي رات رَڙِي،
سدا ساري سڪ مئون، سورن منجهه سَڙِي،
سَنڌَ سَنڌَ ۾، سوڍل جي، آ قابُونُ قرب ڪَڙِي،
وس ويچارِيءَ نانهن ڪو، بيوس وئي اَڙِي،
اصل روز اَلستَ کئون، آهي جانب جِيءَ جَڙِي،
آءُ چاڻگل تي چڙهي، "مُحمّد" سان ملاقات ڪر.

(8)

راڻا رُس نہ تون، منهنجا عَيب ڏسي اَعمالَ،
تنهنجي درد فراق ۾، هِيڻا تيڙا حالَ،
آءُ اڱڻ مون پيهِي، ڪري ٻلائي ٻالَ،
اچي مون ابوجهه کي، ڪا جِيءَ جَمعيّت جالَ،
سدا گهاريان سُور ۾، هڪ ساعت ٻانيان سالَ،
سِرُ مَڏِيون ۽ مالَ، "مُحمّد" گهوريا تو مٿان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(9)

سوڍل جي مِ سنپارَ، آهي گهايَل گهُرَ گهٽِي،
تو سان تنهين ڏينهن کئون، وئي اَتِڪي آهِ اَٽِي،
تُنهنجِي، تنهنجي ذات جِي، آهيان پيرن جي پَٽِي،
سنگتي ساٿي ناهِ ٻيو، آئون آهيان هڪ جَٽِي،
”مُحمّدؐ“ جو محبوب تون، وڃ سارو خيال ڪٽي،
تہ وڃي غَيرُ ڇَٽِي، هڪ لحظي منجهہ لُطف سان.

(10)

ڪيئي ڏينهن لنگهي ويا، سوڍل ڪي ساري،
هيڪر پنهنجي هٿن سان، وڃ مومل کي ماري،
وئين مون وجود ۾، ٻارڻ تون ٻاري،
آءُ مِٺا تون مِهر ڪر، وڃ جَڏِي جِياري،
ڪڏهن ايندين سپرين، مون اڱڻ اوتاري،
واڳَ وصلَ واري، ”مُحمّدؐ“ سان ملندين اچي.

(11)

ڪيڏو قرب ڪمال، مون ڀانيان ٿي مينڌري،
اَزغَيبي اوچتو، تنهنجي آيس عشق اَري،
تُنهنجِي سڄڻ سَري وئي، پر منهنجي ڪانہ سَري،
سَڄن کي سؤلو آهين، تون پرين ناهين پري،
توکي ساريان سپرين، زياده ذوق ذري،
تنهنجي توهَ تري، پيو ”مُحمّدؐ“ تو منهنجا پرين.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "سر سُهڻي"

(1)

پَرينءَ يَر پَچارَ، ٻُڌائين ميهار جي،
گهڙو ڪڻي گهڙِي پئي، ڪري الله توهار،
جهاڳيندي وئي جوش مئون، ڪاتي ڪارُونيارَ،
ملِي يار ميهار، "مُحمّد" هڪڙي منٽ ۾.

(2)

هيون ٻِي گهڙا ڪڻي گهڙِي پيون، سهڻِيءَ جي سَنگت،
موٽي پيون پوئتي، نہ هُيَن لَنؤن لڳت،
سَچن ڪي سؤلو آ، ڪُوڙن ڪي ڪُپَت،
جن جي ميهر سان مِلتِ، سِيرَ لنگهي ويون سيگهہ ۾.

(3)

سهڻي سِڪَ منجهان، ڪاهي پئي تي ڪُنَ ۾،
مُڙِي نا ميهار ڪئون، توڙي هُيس ڏکَ ڏنجها،
هن جي نظر هڪ ۾، ٻيا ڇڏيائين سي اَجها،
واري وَهمَ وَڄها، "مُحمّد" من ميهار سان.

Gul Hayat Institute

(4)

سهڻيءَ سَنا سِرَ تي، لَس لَهرن جا لوڏا،
آيس ڪين عشق ۾، اَهنجَ اَؤڪا اوڏا،
ايئن سِڪايل سِڪ ۾، جيئن تنوارِن توڏا،
توڙي گَسِي ويس گوڏا، تہ ٻِي "مُحمّد" مُنهن ميهار ڏي.

Scanned by CamScanner

(5)

ڪچو گهڙو ڪڇي گهڙي، ڪري اوڏاهين اَهَل،
هلي وئي همت سان، جَهلِي نہ ڪنهن جَهل،
پرزا ٿيو پاڻيءَ ۾، دِلو ساڻ دَهَل،
وس ويچاريءَ نہ هو، ڪانہ هُيس ڪا ڪَل،
پوڙي مارِي سهڻي، اچي اوچتي اَجل،
ترت تنهين مَهل، ساهُڙ مِليُس سِيرَ ۾.

(6)

سهڻيءَ سڏ ڪيا، مرندي وقت ميهار کي،
الاپان آواز تَنهِين، وڃي ڪَنِ پيا،
اُنهي مهل اُٿِي هليو، پيس دل دَيا،
"مُحمّدؐ" سِيرَ ويا، ٻئي لهوارا لُڙهندا.

(7)

ميهر آهي هڪڙو، سُهڻيون لکَ هزارَ،
سڀ ڪنهن وائي وات ۾، سُونهاري سردار،
آهي اپوجهن آسرو، اَڙِيَن جو آڌار،
سيني جِي سَنيارَ، "مُحمّدؐ" ڪندو مِهر سان.

Gul Hayat Institute

(8)

سهڻيءَ جو سينگار، آهي ميهر ريءَ ڪهڙو،
خيشَ قبيلي ڪان وئي، ٿي بَرِي بيزار،
ڪڏهن آيس ڪينڪي، ڪاٿي ئي قرار،
"مُحمّدؐ" ڪٿي ٿي ڪينڪي، ميهر جي ميار،
ڏوڪاري درياهَ پئي، عشق لڳس آزار،
وندر جو واپار، ڪيائين روز اَلَستَ ڪئون.

Scanned by CamScanner

(9)

سهڻيءَ سُکَ قِتا کيا، ميهر جي سانگي،
آڻي وڏي آرَ ۾، اِنهيءَ عشق اَٽانگي،
محبت منجهه مستان تي، هِيرَ زُليخان وانگي،
اُمالڪ اُڇلي وڏس، نينهن نِسنگ نانگي،
ميهر تي مانگي، "مُحمّدَ" خاطر خيال سان.

(10)

سهڻيءَ جو ساهه، آهي هَٿِ ميهار جي،
ويهڻ تنهن کي وِهُ تيئن رُڳي کاهو کاهه،
ورتائين ويساهه سان، رمز پروڙي راهه،
"مُحمّدَ" محبوبن سان، تي نينهن نِباهه،
سِرُ ڏڙ مُنڊِي ۾ ماهه، تيو حوالي حبيب جي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "سر ليليٰ مجنون"

(1)

مَجنون مَحوُ ٿيو لَيُلا جي لَقاءَ ۾،
ويچارو ويران ٿيو بيوس بُندُ بڻيو
وَلِن منجهه وڪوڙجي، قابُونُ قرب ڪيو
مَنَ لَيُلا پائي لِيو، "مُحمّد" خاطر خيال سان.

(2)

عاشق جو اصلي، نالو هُيس قَيسُ،
لَيُلا جي لَهَسَ ۾، مجني جو لبيسُ،
اميريءَ کي ڇڏي، ڪيائين فقيري ويسُ،
"مُحمّد" ديس پرديس، رُليو انهيءَ رمز ۾.

(3)

رُليو انهيءَ رمز ۾، لاهي لَجَ لِيهَ،
اچي پيس عشق جي، پَلپَل مٿان پِيهَ،
هڪ عَلِيلُ اندر ۾، ٻي رڳ رڳ ۾ رِيهَ،
ڪُوڪاران ۽ ڪِيهَ، "مُحمّد" مات نہ ڪري مُورَهِين.

(4)

لاشڪ لَيُلا جي، موهيو مَجنُون مجاز،
سڪ مئون سجدا ڪري، نينهن پڙهي نماز،
نِهوڙي ناسَ ڪيو، نازڪ سندي ناز،
اندر ۾ آواز، "مُحمّد" آلاپان عشق جون.

(5)

مجنون مست ٿيو وڃي لَيُلا جي لاري،
تنهن کي سوُز سُڪايو، اِنهيءَ ڳاراٽي ڳاري،
سدا گهايَلُ گهورَ ۾، پيو گهڙيُون گذاري،
مُور نہ وساري، "مُحمّد" محبوبن کي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(6)

لَيْلان جي لَغار، مجني کي مجبور ڪيو،
جَهنگَ جَهرَ جبل، وتي پُڇائيندو پارَ،
ديواني جي دل ۾، پلپل اِها پُڪار،
سَندِي پرينءَ پچار، "مُحمّد" هن کي مست ڪيو.

(7)

مجني جهڙو مرد، ڪوڙن مئون ڪو ليني،
لُونءَ لُونءَ ۾ لڳي ويس، دائمي درد،
عاشق پنهنجي اندرمئون، ڪڍي آهَ سَرد،
وظيفو ۽ وِردُ، "مُحمّد" ڪيائين محبوب کي.

(8)

ساجن جي سوز ۾، ڇڏيائين ڪَرنگهه سُڪائي،
ويٺو پنهنجي وجود ۾، مِڪُ هَڏن ڪائي،
محبت واري مچ ۾، ڇڏيائين ماسُ پچائي،
لائقُ لِيلهائي، "مُحمّد" اِنهيءَ موج ۾.

(9)

لاشڪ لَيْلا ۾، وجي، غازي تِيَڙو گُم،
سُڄاڻي سَرِيرَ ۾، واه "وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ"،
"فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ" جو، فائق لذو فهمُ،
اِهو اؤج عزم، "مُحمّد" ماڻيائين موج سان.

(10)

لَيْلان رڳو بهانو، ثابت ڪيائين ذات،
حق سان وجي هڪ ٿيو، ساڙيائين صِفات،
سواءِ وحدانيت جي، ٻي وائي نه هُيَس وات،
جهاتِ ۾، پائي جهاتِ، "مُحمّد" سو موجود ٿيو.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "ابياتِ متفرقہ"

(1)

هَلجي هَلجي هِتَئُون، ساڻ همت هَلجي،
سورن واري ڳالهڙي، ٻئي ڪنهن سان نہ سَلجي،
"لامَقصُودُ فِيۡ الدَّارَيۡنَ"، پاڻ ڪٽي پَلجي،
الله اِسم اندر، رڳ رڳ منجھ رَلجي،
رِندن واري راه ۾، چال عجائب چَلجي،
"مُحمّد" تي مَلهجي، مَحوبَت مئيخان ۾.

(2)

رَسجي رَسجي، منجھ راه رِنديءَ رَسجي،
جيئن پارس لوه سان، تيئن گاسَ گَهِي گَسِجي،
بيخودي برحال سان، خام خيال خودي کَسجي،
وحدانيت ويساه ۾، هامَ هٿِي هَسجي،
"وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ" وچ وسي تو، پوءِ ڏُور ڇو تو ڏَسجي،
پاڻ منجهان پَسجي، ڪٽي "مُحمّد" مُشاهِدو.

(3)

چاڻجي چاڻجي، چاڻُ اِهو ڪيئن چاڻجي،
"مُوۡتُوۡا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوۡا" مَوجَ مَحويّتَ ماڻجي،
يار سان يَڪ رنگ ٿي، پاڻُ وِڇَئون نہ آڻجي،
سَڌُن واري سَٽَ ڪي، منجھ برِهَ جي کُوري ڪاڙجي،
هِن ديهِيءَ ڪئون ڏار ٿي، لوڻ پاڻيءَ مئون چاڻجي،
وحدانيت واڻجي، "مُحمّد" مردان ٿي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(4)

عاشقن آرام، ڪڏهن ڪيو ڪِينڪِي،
وٺي وينا واحد جو، نِسورو ئي نام،
”اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى“، پورو ڪيائون پيغام،
”مُحمّد“ تن مُدام، رام رهيو آهي روح ۾.

(5)

پَسيو پنهنجي پاڻ ۾، عاشقن اسرار
”وَفِيْٓ اَنْفُسَكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ“، دائمي ديدار،
”خَلَقَ الْاَشْيَآءَ وَهُوَ عَيْنُهاَ“ اِهو اُتن اعتبار،
مَعنوِي مَدارُ، ”مُحمّد“ رکيائون مَن ۾.

(6)

راتيون ڏينهان روح ۾، رندن ڪِي رهاڻ،
”فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ“ واتِ اِها واڪاڻ،
هڪ تي وينا حق سان، ٻي نه ڪديائون ڪاڻ،
سِڪَ سَندِي سَنداڻِ، ”مُحمّد“ ڪوڙيائون من ۾.

(7)

درد ٻنا دلدار، ڪنهن ڪي مليو ڪينڪي،
راتيون ڏينهان روئڻ ۾، آين ڪِين قرار،
جذبي جوش جلايا، برہ متاهون بارُ،
نماڻا نينهن ۾، تيا نِهوڙيَل نروار،
ويچارن واپار، ”مُحمّد“ ڪيو مُونجهَ جو.

(8)

هادي پاڪَ همت سان، ڏي تون دوُر درد،
رَتُ سَڙِي رَڪَ ٿئي، هميشه رنگ زرد،
وجي پئي وجود مان، رڳو آه سرد،
بي چاڙو بي درد، شل مُنهِنْ نه لڳي ”مُحمّد“ جي.

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

(9)

حُسن جا هيراڪ، هَجِي ويا هن حال ۾،
ڪنهن سان ڪُڇَن ڪينِڪي، فنا ڪيا فراق،
آهي تن عجيب جي، اندر ۾ اوطاق،
”مُحمّد“ سي مشتاق، ملڻ خاطر مُحبَّ جي.

(10)

حُسن جي هَٽِ، جن سؤدو ڪيو سچ جو،
وريا ڪين وجود ڏي، پهتا پھرينءَ سَٽِ،
ڪِلي ڏنائون خوشيءَ مئون، مَتا مُحبَن وَٽِ،
ڪانہ ڪيائون گهَٽِ، ”مُحمّد“ وِڪَ وصال ۾.

(11)

نِمازِن ڪي نانگَن جي، کهڙي آهي ڪَلَ،
هومَسئِلي منجھ مُنجهِي پيا، هِنَن ڪي جيءَ اندر ۾ جَلَ،
هو پرينءَ ڪان پري ٿيا، هِنَن وٽ پرين آ پلپل،
”مُحمّد“ مردانا مَلھ، رهن معرفت ميدان ۾.

(12)

معرفت ميدان ۾، نانگا ٿيا نِهال،
اصل آهي اُنهن جي، بادشاهي بَحال،
قائم آهي قادري، قربدار ڪمال،
جنهن ڪي ناهي زوال، ”مُحمّد“ سو معلوم ڪيو.

(13)

نانگا نِينهَن نوايا، بانڪا ويا بَردار،
سانگا سيِ سَتي هليا، صوفي هُو سَردار،
ڪِينَ اندر ڪِينَ هُيا، ڪيا اَناالُحَق اِظهار،
ناهي ڪا مَيارَ، ”مُحمّد“ مَردانن تي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

"مُحمّد" مَردانَن تي، رهبر جو رحم،
ويو وجودئون نڪري، ويسر جو وهم،
هيت متي هلي پيو، هن ديهيءَ منجهان دَمُ،
ڪونهي ڪو ڪڏهين، عاشقن اَلَمُ،
قادريءَ ڪيو ڪَرمُ، "مُحمّد" سان مِيثاقِي.

(15)

نڪو نِينهُن نانگن، نڪو نمازِن،
محويت مام جي، ڪهڙي ڪَلَ قاضِن،
اِها رمز رَوازِن، "مُحمّد" ملي ڪينڪي.

(16)

ظاهــر زُنــارِي آهــيـان، باطِـن بَـقا بِـاالله،
عشق افلاطون آيو، ڪري قُربئون ڪاهه،
وحدت وارو وهي پيو، دل اندر درياهه،
"مُحمّد" ملاح، هيڙو تاري ٻاجهه سان.

(17)

ظاهر زُنارِي آهيان، باطِن سِرُ سُبحان،
عرشئون لهي هِتِ، آيُم تِي انسان،
"خَلَقَ الْاٰدَمُ عَلٰى صُورَةٖ" فرمائي فُرقان،
صورت جو سلطان، "مُحمّد" ڪُل مَظهَر ٿيو.

(18)

ظاهر زُنارِي آهيان، باطن بَخشَٽهار،
عَدمَ ڪئون هِتِ آيس، ڪٽي بره جو بار،
"لَوْلَاكَ لَمَا" شانُ شَفاعَت، "مُحمّد" مَهندار،
سارو هي سَنسار، پَسَڻ خاطر پنهنجي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(19)

پاڻ وڃائِي پاڻَ ٿيوسي، ڪاڻ نہ رکئون ڪائي،
"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" بيشڪ رهون بقائي،
"اَنَا اَحْمَدُ بِلاَمِيْمِ" واتِ اِهائي وائي،
"كُلِّ شَئْءٍ قَادِرُ" آهيون، سارو سِرُ سَدائي،
"مُحمّد" تاج توحيدي پهري، مِيمَ ٿياسي ماهِي.

(20)

"لَمْ يَزلِ" وَ لَااُبالِيْ، اَلِفَ سِرُ اَثباتِ،
اُڏامي عدم ڪان آيو، عشق عجب اوقات،
جوڙي جُهڏئون جيئَ ۾، مَحويَت مَسلات،
مِيم ملاقات، "مُحمّد" خود محبوب ٿيو.

(21)

ڇَتُ لَوْلاَکِ شان اسان ڏا، مالڪ مُلڪ دي والِي،
اَنتُ وَ بي اَنتُ ٿيوسي، بي رنگ بحر بحالي،
گُوناگُون گوهَر گُن غازي، نادر نِسَنگ نِهالي،
همدم حاج حقيقت والي، ٻولي اُلٽي چالي،
راز رَبُوبِي رمز رنداني، "مُحمّد" مست موالي.

Gul Hayat Institute

(22)

عاشق ويا اوڏهين، جاتي مرڻ ناهين موت،
"اَحيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ" فاني ٿين نہ فوت،
هُو جي ٿيا هوت، "مُحمّد" مَلُولتَ معاف تن.

Scanned by CamScanner

(23)

عاشق ويا اوڏهين، جاتي مِٺي آهي مات،
نڪو جهيڙو جنگ آ، نڪا هِيسَ نہ هاتَ،
نڪو ڏنگ ڏاءُ آ، نڪا ڏَندِي ڏاتَ،
نڪو ويُر غير آ، نڪا لوڙَ لاتِ،
"مُحمّد" وحدت واتَ، سدا ساميئڙن تي.

(24)

عشق جي گهيڙ گهِڙِي، تون مُورَئون نہ مُڙجاءِ،
گِلا ۽ خواريءَ جي، گِٽَ گِچيءَ پائجاءِ،
ماڻهو ڏيندءِ مهڻا، سي سِرَ سِيئِيَ سَهجاءِ،
"وَتُعِزُّ مَنۡ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنۡ تَشَآءُ" اهو اوڏهين ڪري پائجاءِ،
"مُحمّد" ناتو نپائجاءِ، تون نعرو هٽي نينهن جو.

(25)

عشق جي پڙ ۾، نانگا تيا نروار،
نشو پيتائون نينهن جو، گاروڙيءَ ۾ گارُ،
محبتي ميدان ۾، رند رهن هوشيار،
خلق جي خواريءَ جي، تن خبر ناهي چار،
"مُحمّد" کهڙي ڪيان پچار، عاشقن جي اَنت جي.

Gul Hayat Institute

(26)

جي پائين عاشق تيان، تہ پوئتي پير نہ پاءِ،
اَلفِي پاءِ عشق جي، تون وَڏندِي وِڪَ وَڏاءِ،
"مُوۡتُوۡا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوۡا" بار اِهوئي چاءِ،
مرد تيءُ مَنصورُ، وڃي ميدان ملهاءِ،
"مُحمّد" تڏهين پَوندءِ سَماءُ، بره جي بازار جو.



Scanned by CamScanner

(27)

پرينءَ سندي پار جي، آ ۾ نشاني،
طعنا تُنکا مهٽا، پائي ڳل ڳچيءَ ڳاني،
پائي مون پاند ۾، جَهليَم سيِ جاني،
عاشقُ تُنهنجي عشق ۾، فراقي فاني،
موٽي مهرباني، ڪر ”مُحمّد“ سان ملڻ جي.

(28)

پرينءَ سندي پار جي، نادر نظاري،
ماريو مون مسڪين کي، اکين اشاري،
موهيو ڪنهن مجاز سان، لبن جي لاري،
پَلڪَ منجهه پرين ڳِڏو، دلڙي ڏُتاري،
اِنهن ڳالهين ڳِتڪاري، ”مُحمّد“ مُلهه خريد ڪيو.

(29)

پرين سندي پار جي، جُتيِ مان جوڙيان،
پهرائي پيرن ۾، تڏهن مان چوڙيان،
ڏِڪارِن دلبر تَوڙي، مُورئُون نہ مُنهن موڙيان،
وندر جي وٽن ۾، واڪا ڪَيُون ووڙيان،
خيما پيو کوڙيان، ”مُحمّد“ محبوبن وٽ.

Gul Hayat Institute

(30)

پرين سندي پير جي، خود جُتي چَون ٿيان،
پائي هلن پرت سان، مُئل مان جيان،
لَتاڙن لطف سان، سَهجئُون سر ڏيان،
سُنهان سَرتِن وچ ۾، ”مُحمّد“ چوي ميان،
تِنين سان تِيان، گڏ گذاريان ڏينهڙا.

Scanned by CamScanner

(31)

پرين رهن پرديس تي، منهنجو جيءُ جَلي،
سرتيون سنگتياڻي تِي، مون سان ڪانهه هلي،
ڏونگر ڏورڻ آيو، هن هيٺيءَ هيڪلي،
”مُحمّد“ مُڙي ڪينڪي، جَهلي نا پَلي،
پينڙ ساڻ پَلي، ماڻي سو محبوب کي.

(32)

پرين ڏين پاڻ، شل پِٽي پاراتو،
پاڙن تائين پَنجي وڃان، نيائي ناتو،
مون کي سجڻ هيئن، هي چيو چا تو،
تہ ”مُحمّد“ مان تو، ڪي ڳالهيون ڪيون ڳجهيون.

(33)

پرين سندي پار جي، جانُ نهاريم جُوءِ،
اُتي غفلت غير جي، باسَ نڪا بُوءِ،
اصل آديسين جي، خاصي اها خُوءِ،
رهبر رُوبـَرُوءِ، ٿيو مُلاقِي ”مُحمّد“ سان.

(34)

پرين سندي پار ڏي، وڃڻ واجب ٿيو،
سرتيون سانگيئڙن جو، مان صحيح سَڏ سُٽيو،
وارث ريءَ وسيلو، پانيم ڪونہ پيو،
”مُحمّد“ سان مليو، رهبر اچي راه ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(35)

رهبر رسيو راهہ ۾، لٿا خوف خَلل،
جاڳيا منهنجي جيءَ ۾، شاهي شوق شغل،
حرف حقيقي هڪڙي، ڪيا سَهنج سَهَل،
جَفر جوتش ويا جلي، جادو ۽ رَمَل،
"مُحمّد" سان مُرسَل، ڪئي امدادِي الست ڪئون.

(36)

اَمر "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"، ٻُڌءِ نا ٻوڙا،
قول 'قَالُوْ بَلٰيٰ' جو، وسار نہ وائِـڙا،
سُباهِين ڏينهن سمجھ رک، ڪندين اَيلي ۽ گهوڙا،
"مُحمّد" اُتي ترندءِ تورا، جاتي حرف نہ هَلندءِ هڪڙو.

(37)

"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْ بَلٰى"، تو پرت ڪئي پوري،
"رَبِّ اَرِنِيْٓ لَنْ تَرٰنِيْ"، ڪلام ڪُهہ طُوري،
"خَلَقَ الْاَشْيَآءَ وَهُوَ عَيْنُهَا" هَر جا حُضُورِي،
"اَنَا نُورُ اللّٰه كُلِّ مِنْ نُورِيْ"، دلبر ناهي دُوري،
"مُحمّد" منظوري، مالڪ مُلڪ ساري جي.

(38)

توڙي ڪُسِي ٿين قتلام، تہ بِي رند رهن ڪِينڪي،
اَمر "اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ"، اهو پروڙي پيغام،
"قَالُوْبَلٰى" جي قول ريءَ، ڪَهَن ڪونہ ڪلام،
نانگا مليا نات سان، توڙي خلق چوي خام،
"مُحمّد" مرد مُدام، مانجِهي موٽيا ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

ڪاهي وڃ تون ڪاڪ تي، ”مُحمّد“ مستانا،
مُڙيا نا منصور، پتنگ پروانا،
اِهي ڳاڙها ڳانا، عاشقن ہُذا اَلَسْتَ ڪئون.

(40)

ڪامل قتل گاه ڏي، ڪَسْتَ منجهئون ڪاهِين،
سورهيہ سر ساه جا، لاڳاپا لاهِين،
ڏک ڏونگر ڏاڪڙا، مَردن ڪي چاهِين،
”مُحمّد“ ملهائين، منصوري ميدان سي.

(41)

ڪافر ٿِين تہ قُربُ لَهِين، ڇڏ دين ڌَرمَ جي بات ميان،
شِرڪُ ڪُفر شَيطانِڪِي، رک تَن اندر تَسلات ميان،
”مُحمّد“ سانيڄ ساه سان، سِڪَ سندي سوغات ميان.

(42)

جي چاهين ملڻ يار جو، تي ڪافر ڪفر ڪماءِ،
ڪفر بنا ٻيو ڪِين ٿئي، عاشق تو اُپاءُ،
رک تون سُرت سَماءُ، ”مُحمّد“ ميلاپ جو.

(43)

ڪُفر اسان جو ڪم، آهي روز ازل ڪئون،
تَرڪُ تَقويٰ زُهد ڪي، مَلامت مَرمُ،
الف واري اوڙ ۾، ويو ڄاڻ ڄَرمَ،
”خَلَقَ الْادَمَ عَلیٰ صُورَةٖ“، اهو سيڪاريو صَنم،
”وَاللهُ بِکُلِّ شَئٍ مُحِيطٌ“ پِرتئُون سو پَسيَم،
”مُحمّد“ شاه من ۾، آحْمّد اڳيان آيم،
سيوئي ٻيو ڀَيم، مُهابي محبوب جي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(44)

نکو کم ڪُفر سين، نہ مسلماني مُورَ،
نکو ويجها سپرين، نکي پانيان ڏورَ،
هَرجا حُضُور، "مُحمّد" موجود ٿيو.

(45)

قاضي سمجهن ڪينڪي، ڪنهن مَسلي مُنجهايا،
عشق سَندِي اَڏِيءَ تي، اوڳا نہ آيا،
سَڌڙين سُڌِ نہ ڪا، جو ميڙين پيا مايا،
سالڪن سُوريءَ متي، سَهجئون سر ڳنوايا،
سدائين سَعيا، اَتن "مُحمّد" مُوتُوا! ماڳَ ڏي.

(46)

"مُحمّد" مُوتُوُ ماڳَ ڏي، اُهي ويساهَئون مِ وجن،
مرڻ تَنِين تَئون مَعافُ ٿيو، مري جي جِيئن،
موٽي ڪين مرن، اُهي دادلا دارَين ۾.

(47)

نکو اسين نہ ڪو الله، نکا ٻيڙي نکو ملاح،
وچ تي ويساهُ، "مُحمّد" تاري تارَ مَئون.

Gul Hayat Institute

(48)

منصوري مام جي، ڪي مرد پَروڙِن معنيٰ،
سورهيہ سَهَن سر تي، طعنا ڳل ڳانا،
سوريءَ واري سيج تي، ٿيا رِندَ روانا،
نينهن ڪيا نشانا، "مُحمّد" مڙيا ڪينڪي.

Scanned by CamScanner

(49)

"مُحمّد" مُڙيا ڪينڪي، بانڪا بيسرِ ٿيا،
ڪاهي هليا ڪِينَ ڏي، وري ورڻ ڪئون ويا،
شوريا شرابي شير، خماريل ڪيا،
لاهوتي لِيا، پائي ڏسن پاڻ ۾.

(50)

پائي ڏسن پاڻ ۾، سوجهي سِري سَيرُ،
ميٺيائون من جون، اونداهي انڌير،
گدڙ گانڊُو گم ٿيو، ٻيلي ٻهڪي شير،
ڪُپيرِيءَ جو پير، "مُحمّد" پُرجهي مرد ڪو.

(51)

صوفي آٽي رمز جو، ڪي رند پروڙن راز،
وحدت وارو وڃي پيو، سيني اندر ساز،
سڃڻن جو سرتيون، سدا سوز گداز،
حقيقت مجاز، "مُحمّد" ۾ موجود ٿيو.

(52)

"مُحمّد" ۾ موجود ٿيو، ڪُلِي جُزي ڪلامُ،
هاديءَ حقيقت جو، جُنگ پياريو جامُ،
نظر ۾ نيڪ ٿيو، خاص ۽ عامُ،
سيني جو سَلامُ، هَمدم ڪرڻ آيو.

(53)

همدم حقيقت جو، رِڙهي وڃي رَندَ،
"اِهدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ" پرت وارو پندَ،
ڪؤڙين منجهان ڪَنڌَ، "مُحمّد" ڪُويا ڏيندا ڪي اُتي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(54)

همدم حقيقت جو، رڙهي ونجي راهه،
”يُضِلُّ لَهٗ مَنۡ يَّشَآءُ“ متان ٿئين گمراهه،
هادي شهنشاهه، ”مُحمّد“ رسائيندو ماڳ تي.

(55)

همدم حقيقت جي، جَنِي ڏٺي جُوءِ،
دائما دارين ڪئون، تَنِي مَنِي رُوءِ،
خاصن سندي خوءِ، ”مُحمّد“ رکج من ۾.

(56)

همدم حقيقت ڏي، جَنِي پَري گامَ،
مدامي موج ۾، مخفي پروڙيائون مامَ،
ڪَلَ اِهائي عام، ”مُحمّد“ آهي ڪينڪي.

(57)

جن کي عشق الله جو، سي ڪيئن سُک سُمهن،
راتيون ڏينهان روجَ ۾، دائم دَمُ ڪٽن،
اکيون اُنهيءَ پار ڏي، بُوندانُ ڪَيُون بَرسن،
واجهائيندي واجهه ۾، وينا ٿئي ورسن،
مستانا مَحَوُ ڪيا، ”مُحمّد“ ماڻِڪِيُن،
ڪاڏي ڪِينَ تَڪِن، جوڳيئڙا جهان ۾.

Gul Hayat Institute

(58)

عاشقن اندر ۾، اَلستِي اُڪِيَرَ،
پُڪِي گُهرن پاجهه جي، اَٽمئِي اَڪسِير،
سدا رهن سوز ۾، ديوانا دلگير،
فاقي فڪر يار جي، ڪيا فَنا فِيۡ الله فقير،
بانڪا بغل گير، ”مُحمّد“ مُغانُ جي ٿيا.

Scanned by CamScanner

(59)

عاشق سُک نہ سمهيا، تيو سمهڻ تني کي سُور،
واجهائيندي ورهيہ ٿيا، جهوراٽي ۾ جُهور،
اچي پيين اندر ۾، سندو پرين پُور،
ڪڏهن مُرتيا ڪينڪي، "مُحمّد" سي مُور،
مَردن جو مَذڪُور، ڪَوُڙين مان ڪو لهي.

(60)

سِرُ سجاٽي سِرُ تيءُ، سِرُ سارو آنُ سَيُر،
ڪير هُئين ڪير آهين، هُوندين تون ڪير،
ڪاتي ڪُل غير، "مُحمّد" مڙِن مٿان ٽيو.

(61)

پڪو تي پيھُ، اُتي ناهي ڪم ڪَچَن،
دَڙيڙ دوس درياھ جي، لهريون لک وهن،
ڏسي موُج مهراڻ جي، ڪي گهيڙا جوان گهڙن،
"وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ" منجهان، تارَ ترن،
"مُحمّد" جي مُرتيا پوءِ پَون، سي پارِ پهتا ڪينڪي.

(62)

صحيح سجاتم پاڻ کي، ساڳو ئي سر آهيان،
"اَلْاِنسَانُ سِرِيْ وَاَنَاسِرَهٗ" پولُ پيو نا پانيان،
مِيمُ "مُحمّد" تي ڪري آيس، عشقئون عبد سڏايان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(63)

خيال خدا جي خيال ۾، تون غازي ڪر گم،
پَهه پچائج پاڻ ۾، تون ”وَفِيۡٓ اَنۡفُسِكُمۡ“،
ذات رَلِي وڃي ذات سين، جاءِ نه لهي جسم،
علم عقل قياس ڪئون، اتيئي عشق اُتم،
”مُحمّد“ وڃائي وهم، تون دائم پَسِج دوست کي.

(64)

پنهنجو اتيئي پاڻ ۾، سَمُوروئي سَيرُ،
”وَفِيۡٓ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَاتُبۡصِرُوۡنَ“ نه ته ٻيو ڪير،
ڪاٽي ڇڏين غَيرُ، ته ”مُحمّد“ سِرُ سُبحانُ تون.

(65)

رهبري راه ۾، ڪاهِيُون ڪاهَ اچيج،
”نَصۡرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتۡحٌ قَرِيۡبٌ“ مُورئون نه مُٽيج،
”اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ“ سڌي واٽ وٺيج،
”مُحمّد“ اِنهيءَ مام ۾، مَنۡ عَرَفَ ماڻيج،
ڳجهي ڳالهه ڳٽيج، سَرلو ٿي سُبحان جي.

Gul Hayat Institute

(66)

دوزخ دڙڪي دٻاءَ جو، ناهي غازن کو غرض،
عاشقن روز ازل ڪئون، پڙهيو فَاذۡكُرُ فنا فرض،
لاهوتن لاهي ڇڏيو، اهو قديمي قرض،
نِهاني نينهن وارن کي، لُونءَ لُونءَ ۾ لَرز،
”مُحمّد“ مخفي مرض، سياڻن صحيح ڪِينَ ڪيو.

Scanned by CamScanner

(67)

سياڻن صحيح ڪِينَ ڪيو، وائڙا وات پَٽِن،
مردن سان مقابلو، ڪيو اٺ جاڙ جَٽِن،
موڳا ٿيا مَجهُول سي، هستيءَ ڪئون نہ هَٽِن،
وئي وِهامِي راتڙي، ڏيندي سَنڌڙين کي سَٽَن،
"مُحمّد" مَئي مَٽن، سُرڪِي پيتي سچ جي،

(68)

سُرڪي پيتي سچ جي، ٿيو بيشڪ بِسۡمِ اللّٰه،
ڇِمِي چشمن تي ڪنيائين، بره بَقا بِاللّٰه،
"قُلۡ هُوَ اللّٰهُ" قائم ٿيو الف "اَحَدٌ اَللّٰهُ"،
هر جا هم ذات آ، جوش جَلالَ اللّٰه،
"مُحمّد" يَدُاللّٰه، يَڪو يڪ يقين ٿيو.

(69)

لاحد ۾ لِيئا پائي، مرد رهن مَسرُور،
ڪَلالِي قدح پِي، مست منگهن مخمور،
"مَنۡ عَرَفَ نَفۡسَهٗ فَقَدۡ عَرَفَ رَبَّهٗ" معرفت معمور،
وحدت ۾ وَهلُور، "مُحمّد" روز ميثاقي.

(70)

"مُحمّد" روز ميثاقي، باقي بقادار،
"بِكُلِّ شَيۡءٍ مُّحِيۡطٌ" آ، اُونهون سِرّ اسرار،
اظهر اثبات ٿيو نُور نِسَنگ نروار،
"مُحمّد" خود مختيار، درست آهي دارين ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(71)

دُرست آهي دارين ۾، لاخوف لاثان،
مَردو ڪِينَ موجود آ، عرش مٿي اَشيان،
هردم هلي پيو بيرنگي بيان،
عالم تي احسان، مدامي "مُحمّد" جو.

(72)

عشق جي اَويڙَ ۾، ڪي اَرڏا جُوانَ اچن،
لاهي سانگو سر جو، وجي مچ مرن،
چو ويا چا ڪئون سَڙيا، اِها سُڌِ نہ ڏين،
ڪَلَ پوي تي ڪانڪا، "مُحمّد" مامَ مُٺن،
اُمالڪ اُڇلِن، پاڻُ پنهنجو پاتارَ ۾.

(73)

عشقُ هوندا لاَغَرضُ هميشہ، ڪنهن دي غرض نہ رکيندا،
سردا سانگا سَٽِ ڪراهين، آپ آڙاهہ سَٽيندا،
جِهجَڙ جهوري لُونءَ لُونءَ لوري، طالب هئي جنهن دردا،
"مُحمّد" آکي دل ميري وچ، هڪوئي هادي وَسندا.

Gul Hayat Institute

(74)

رکي سِرُ اَڏِيءَ تي، ڪَڙڪايائون ڪات،
تُرتُ تنهين دم، ترڪِيو طِلِسُمات،
نفِي ۽ اثبات، "مُحمّد" منجهان ئي معلوم ٿيو.

Scanned by CamScanner

رکي سر اڏيءَ تي، نينهن هنيائون نعرو،
ثابت سمجهيائين، لاَ جو لارو،
وڃائي وارو، "مُحمّد" بي منظور ٿيو.

(76)

رکي سر اڏيءَ تي، ڪاٺيائين ڪنڌ،
پيتائين پُر ڪري، مئخاني جو مَنڌُ،
پَٽي ٿيڙو پنڌ، مِڙيوئي "مُحمّد" جو.

(77)

رکي سر اڏيءَ تي، ٻڌائين اهو ٻول،
الستي آواز جو، پڇي جڏيائين پول،
قالُوْ وارو قول، "مُحمّد" پاڙيو پرت سان.

(78)

اڏيءَ ۽ ڪات ۾، سوري ڏنائون سِرُ،
پروانا پنڌ پيا، ترسيا نا تِرُ،
صادقن صبر، ڪيو مهل اُنهيءَ "مُحمّد" چوي.

Gul Hayat Institute

(79)

ڪاتيءَ سان ڪُسِي، تون ذرا پرزا ٿيءُ،
منصوري ميدان ۾، مري "مُحمّد" جِيءُ،
تکو پاڻي پِيءُ، جو ڪاتيءَ کي کُهي ڇڏي.

(80)

قاتل ڪاسائي آهيان، آهي کُهَڻ منهنجو ڪم،
هر شيءِ تِي هضم، "مُحمّد" حق موجود ٿيو.

Scanned by CamScanner

(81)

هَيا اتئي حَيفَ، ڪڏهن مُڙين ڪينڪي،
ٿيندءِ حرف حساب جو، تڏهن لهندءِ ڪَيفَ،
"مُحمّد" سلطاني سَيفَ، ڪُڏِي رک تون ڪنڌ تي.

(82)

ڏنگا چڏ ڏنگائي، توکي لڄ نہ آهي لِيهہَ،
نچين ٽپين ناز سان، بي شرمانَ بدخوءِ،
وطن ويندين پانهنجي، آهين ٻہ ٽي ڏينهن،
هڪ ڏينهن اهڙو ٿيندو، ڪِي جو نَفسِي ڪندا نَبِي،
"مُحمّد" اُتي ڪنڌ ڪٽندين ڪيئن، مُقابِل محبوب جي.

(83)

هستي هوڏ حرام، جي تون طالب حق جو،
ڪڍي ڇڏ قلب مئون، خطرا ڪُل ئِي خام،
اصليت انجام، "مُحمّد" پاڙج پرت سان.

(84)

راتيون ڏينهان روح کي، سڄڻ جي اَتم سِڪَ،
پَروَر ڪندو پانهنجو، ڪِين ڇڏيندو پَڪَ،
لُطف سان "لاشَرِيۡكَ لَهٗ"، لُڙَ لاهيندو لَڪَ،
اَتم اِها هِڪَ، ٻي ٻولي ناهہ ٻهگڻ ريءَ.

(85)

ٻولي ناهہ ٻهگڻ ريءَ، ٻئي در نہ واجهايان،
ڏک سک سور سختيون، ڇُمِي آئون چايان،
جي رهيون آهن روح ۾، ڇئي نہ ٻڌايان،
"مُحمّد" ٻئي نِيايان، جاسِين دم جيئري رهان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(86)

جاسِين تون جِيئين، تاسِين جُر وَهاءِ،
ملڻ خاطر مُحبّ لئِهِ، واتون تون واجهاءِ،
سِڪَ سؤز سجڻ جو، سيني منجهه سَماءِ،
”اَلْحُبُّ لِلّٰهِ وَالْبُغْضُ لِلّٰهِ“، هيو پولو نا پانءِ،
”مُحمّد“ ڪاهيُون پئي ڪاهِ، مدامي مئخان ۾.

(87)

مدامي مئخان ۾، جُنگَ ويا ڪي جُوان،
رمز سان رَمِي ويا، لاهوتي لامڪان،
”لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ“، اصل اَلْاِنْسَانَ،
بره سندا بيان، ”مُحمّد“ معلوم مردن ڪي.

(88)

”فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ“، پولي بي نہ پول،
موڳا هج مات ۾، چَپَ ٻَئي نہ چول،
نيڪيون بديون پانهنجون، تُرت ترازُوءَ تول،
دل جي دري کول، تہ روشن پَسين ربّ کي.

(89)

روشن پَسِي ربَّ کي، رِندِي ڪر رهاڻ،
غفلت ۾ غير جي، اَٽِي مُورُ نہ آڻ،
هاديءَ سان هڪ ٿي، پوءِ ”مُحمّد“ مزا ماڻ،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ، تہ مطلب مڙيئي منجهه ٿِئِي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(90)

ٻاتَن ٻولي پئي ڪئي، ڀڄڻ ڏي ٻاڪار،
ٻوڙن ٻُڌي ڪينڪي، گُونگن جي گفتار،
پنڌ نہ ڪيائون پِرَ ڏي، مَندن ڪاڏي مار،
نُونٽا نَڪِ ڪَڪِ ٿيا، بره ڪئون بيزار،
آهي روز ازل ڪئون، سَرلَن اِها سار،
اَنڌن اَنڌُوڪارُ، "مُحمّدُ" سدا موج ۾.

(91)

روئان تہ ريجهي نہ، ڪِلان تہ پائين خار،
صبر ڪيان تہ سينو ڏري، جو ڪُڇان تہ انڪار،
سُمهان تہ سُهِمان ملن، جو گهمان تہ گنهگار،
عاشق انهيءَ ڳالهہ جو، مون کي ڪري ڏيو ويچار،
تہ "مُحمّدُ" سان يارُ، پَرچَندو پَرِ ڪهڙيءَ.

(92)

پرچائي پرينءَ کي، پنهنجو ڪَيُم پلپل،
مشاهدو محبوب جو، جَهلڪا ڏي جَهلجَهل،
پائي ٿو پريت مئون، ڳِراٽِيُون ڳَل ڳِل،
رهبر ٿي رَل مِل، "مُحمّدُ" منجهہ مُحِيطُ آ.

(93)

نڪو ساءُ سمهڻ ۾، نڪو ويهَنديئِي ويچار،
نڪا ننڊ نيڻن کي، نہ جاڳنديئي جارُ،
نڪو قرار ڪعبي ۾، نہ تيرٿ ڏيئِي تيار،
نڪو ڪم ڪثرت سان، نہ وحدت جو واپار،
نڪو صاحب سپ جو، نہ سُجهيئي سَنسارُ،
نڪو اَحدُ اَحْمَدُ، نہ "مُحمّدُ" ئي مختيار،
اِهو اُونهوئِي اسرار، ڪو سالڪ سمجهي سُرت سان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(98)

مُنهن مهتاب منور، ڪجھ ٻول اسان نال ٻولين گھنڊڙا ڪولين،
سور تيڏي دل چُور ڪِيتي، دردان لاتِي ڏنڏولِي گھنڊڙا ڪولين،
اگڻ آوين اسان ڏي ڦيرا پاوين، مئن هر دم ٻانهي گولي گھنڊڙا ڪولين،
”مُحمّد“ بَردا تيڏي دردا، جو عيب ميڏي نا ڦولين گھنڊڙا ڪولين.

(99)

دلبر تيڏيان اکيان اَکمل، اعليٰ عين جمال ڏُونهين،
مشتاقان نون مست ڪربنديان، ڪيفي ڪيف ڪلال ڏونهين،
دَست بِدَستي سودا لاون، دائم دُرس دلال ڏونهين،
ڪَڏان وت حال هجر وچ رهنديان، ڪَڏان ته وَصل وصال ڏونهين،
درد واليان وچ ديرا لاوَن، ”مُحمّد“ قرب ڪمال ڏونهين.

(100)

الف اکر ۾، ٻي ڇڏج ٻَڪوات،
سدا سپرين جي، تن ۾ رکج تات،
وَسي پئي وجود ۾، ٻره سندي برسات،
توحيدي تجلات، ”مُحمّد“ ماڻين موج سان.

(101)

الف اکر من ۾، ٻي ڏسي نه پَل،
همدم حقيقت جي، هُو مچائج هُل،
بيشڪ بقا بوستان ۾، تون گلابي گل،
سورج سُوسَن سُنبل، مِرزيوئِي ”مُحمّد“ تون.

(102)

الف اکر من ۾، ٻي وسارج وائي،
”فَاذْكُرُونِي اَذْكُرُكُمْ“، ڪر عاشق ادائي،
دَمَ دَروني دَوُر ڪي، پڙھ ثابت سدائِي،
”مُحمّد“ هر رَنگين هَرجائِي، آهي موجودِي محبوب جي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(103)

هاريَم هِينئين ۾، اَلفَ سَندِي اوڙَ،
بي تي كان بس كيم، سڪ سوز وڃائي سوڙه،
رَوانُ مٿرئي رد تي، مَدَ شَد جَزَمَ جوڙ،
"مُحمّد" ٻَڌِي موڙ، مُحڪَم آيو ميدان ۾.

(104)

هُئَڻ هستي گم كري، هيٺائينءَ ۾ هلن،
سدا رهن سجود ۾، نانگا ناٿ نِمَن،
اهڙي چال چلن، "مُحمّد" مَردانا بِي.

(105)

مرشد مئنون ايوين آکيا، ڇاڻ ايهو ول ڇاٽين،
تُرت گهِنين توحيد ڪَنون، ٻئي طرف ڪنهين نا تاٽين،
هردم اهوئي حال هَلاوين، پڇي موج الستي ماٽين،
"مُحمّد" مرشد رهبر ٻاجُهون، ٻي ڪنهن دي ڪَڍُ نہ ڪاٽين.

(106)

مرشد مئينكون ايوين آكيا، جيئري جان جلاوين،
محبت والا مچ مچيندا، تنهن وچ پاڻ پچاوين،
هر جا ويكين هكا صورت، ٻوڙي ڇڏين ٻيائي،
"مُحمّد" مُحبُّ تڏاهين مِلسِي، جڏان ڇوڙين حرص هَوائين،

(107)

نينهن نسورو نانگ، خبر پڇو كاڏَن كئون،
كميني اشراف جو، كونہ ڳڌي كو سانگ،
اصل عاشقن كي، اهو لنگهڻو پيو لانگهُ،
كيچئون آيو كانگ، "مُحمّد" ڏي منهنجا پرين.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(108)

عشق جَنُهِين سر آيو، مَلهيا منجھ ميدان،
سڄي سانگو سر جو، جُنگَ هليا سي جوان،
سُورهيه سي سلطان، "مُحمّد" مُڙيا ڪينڪي.

(109)

عاشق تي اٽموٽ، اَڏِيءَ تي اچڻ،
سانگو لاهي سر جو، بانڪا ناهه بچڻ،
نازڪ ناتي نينهن ۾، نانگو تي نچڻ،
"مُحمّد" اِنهيءَ موج ۾، آ مردانن مچڻ،
رِندِي رمز رَچڻ، رهبري راه ۾.

(110)

سَنڌائتِي سپربن هَنئِي، هَنئين پري بِرُجِلوٽ،
پرزا ۽ پَٽِي تيا، سندا ڪفر ڪوٽ،
جن لڳي چاڻن اُهي، گهايل جي گهوٽ،
ڪڍي ڇڏيا قلب مٿون، ڪاهوڙين ڪُل ڪوٽ،
"مُحمّد" سي اٽموٽ، وريا ڪِينَ وجود ڏي.

(111)

Gul Hayat Institute

هڪ ڏهاڙي مرشد آکيا، مري ميدان ملهاوين،
دم قدم دي نال هميشہ، خيال پچي نہ هٽاوين،
بيان سب ڳالهيان ترڪ ڪرين، هڪ ميڏي ڳالهہ هَنداوين،
"مُحمّد" موج مَحّويَت وچ، موذي مارِ مَناوين.

Scanned by CamScanner

هڪ ڏيهاڙي مرشد آکيا، سِردا سودا ڪرين متان ڏَرين،
شير دلير تي، قدم ڌَرِين متان ڏرين،
عاشق تِي آڙاهه وچ، ٻرين متان ڏرين،
"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا" مرڻئون اڳي مرين متان ڏرين،
وحدت والي راه ڪنون، "مُحمّد" مُول نه وَرين متان ڏرين.

(113)

راتيون ۽ ڏينهن، آهي نينهن نماز سان،
وسي محبت مينهن، هاديءَ جو "مُحمّد" متان.

(114)

روزو روز ازل ڪئون، آهي اصل عاشقن،
مري جي جِيئن، "مُحمّد" معافي تن تي.

(115)

ناحق نرڙ گَسائِڻُ، عُمِر گنوائڻ، اِهو اٽڪاڻ ڪم،
ڪوري ڇڏي ڪات سان، جڏهن هادي لڳ لحم،
عاشق آڏو ڇا اچي، دنيا دين ڌرم،
بيخوديءَ ۾ پيچي ڇڏ، "مُحمّد" پولُ پَرم،
فنائي فهم، طالب سِڪُ تحقيق تِئين.

(116)

طالب سِڪُ تحقيق تِين، دوئي ڪري ڇڏ دُور،
پتڻ تپي پارِ پوين، پَرين پهرئين پُور،
هوندين تون هميشه، حاضر منجهه حضور،
ڳولو تي هن ڳالهه جو، "مُحمّد" مَنصُور،
دوست اِنهيءَ دَستور، پاڻ سڃاڻج پانهنجو.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(117)

پاڻ آهين معبود، وري ڪنهن کي ڪرين سجود،
مَقصَد مُرادنُ موهُ مِلت، زائل ڪر تون زُود،
وجودئون وِسار تون، آهين لاشڪ لاوجود،
"مُحمّد" تون موجود، ره حاضر هر مظهر ۾.

(118)

ڏَندا ۽ ڪُوندا، اِهو موالِن مَـرَڪُ،
هنن هرجا سمجهيو، حقيقي حق،
وڃايائون وجود مئون، شيطاني شڪ،
"مُحمّد" لنگهي لَڪُ، اوڏا ٿيا الف کي.

(119)

اوڏا ٿيا الف کي، ٻي وائي نہ رکن وات،
"فَاذۡكُرُونِىٓ اَذۡكُرۡكُمۡ"، تَن ۾ اٿن تات،
سمهڻ تن کي سُور ٿيو، ڏينهان ۽ رات،
"مُحمّد" ملاقات، ماڻيندا محبوب جي.

(120)

پيتا شوق شراب جا، ديوانن دُنگَ،
هڪدم هوشيار ٿي، ٻيائيءَ ڏنائون ٻُنگَ،
چُستِي چالاڪِيءَ سان، چڱا ڏنائون چُنگَ،
جَڙي چڙيا جان ۾، لاهوتِن لُنگَ،
مُحڪم رهيا موج ۾، جوشيلا جُنگَ،
تنين تئون سُنگَ، "مُحمّد" مڙيئي معاف ٿيا.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(121)

پيتا شوقَ شرابَ، مَٽيءَ تي مَستَن،
سِرُ ڏئِي سُرڪَ پِي، ڪِيا خُمارَن،
رِيءَ نشي نينهن جي، هيو ڪِين گهرَن،
وتن اَڙايون پانهنجون، ڊِيدانُ ۾ ڊِيدُن،
اصل عوشاقن، "مُحمّدُ" موج اِهائي

(122)

خانيءَ وارا خيال، ڪڍي ڇڏ تون قلب مئون،
ياد رک تون يقين سان، 'فَاذْكُرُونِيْ' فرمان،
مُحبَّ جي ملڻ جو، اتئي اِهو اِمڪان،
"مُحمّدُ" متان تنهنجو مانُ، مارجي نہ مالڪَ اڳيئون

(123)

مَخدُومِيءَ کي ڇڏ تون، خادم سڀ جو ٿيءُ،
قربئون قربان ڪر، هيءُ جُسو تون جِيءُ،
پوندُءِ ڪم ڪريم سان، اِيءُ سالڪَ رک تون سِيءُ،
سَوزؤن سُرڪِي پِيءُ، تہ "مُحمّدُ" رسين ماڳَ تي

(124)

مِيرَن سان محبت، ناهين وڏيرن سان ويرَ
زَميندار زير ٿيا، هيا ڪُرمي هچي ڪيرَ
نبي هٿي پاڻ ۾، ڪيان سلطاني سَيرَ
"مُحمّدُ" جو غيرَ ڪڍي ڇڏيو قادريءَ

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(125)

مِيرَ چِمرَ چِيرَ، موڳا مات ڪر،
رنداني رمز جي، ڪهڙي تو خبر،
سِڪئين ڪِينَ صبر، تنوارين تِڏِيءَ جانُ.

(126)

تَنوارين تِڏِيءَ جانُ، ڳِڏُءِ پتنگن جو پاسو،
مَڃُ ڏسي موتئين، سَڙئين نا ماسو،
اڃا اَٽاسو، جَلِين تون نا جوش ۾.

(127)

رهين وچ درياءَ ۾، رکين مانگر مڇ سان وير،
هُتِ ڏُکوئي داخل ناهين، هِتِ سڏائين سير،
متان ڏِڍُ ڇاٽي ڪَڍِينُ ڏير، جو پَتو پوئين کي نہ پوي.

(128)

سُمهين تو سَوَڙ ۾، تون راتيون ۽ ڏينهن،
ننڊ اُهي نا ڪندا، جن کي نئون لڳو نينهن،
”مُحمّد“ جڏهن هيلي آيو شينهن، تڏهن گدڙ گُم ٿيو.

(129)

آئي رحمت ڀَري رات، اوهان جانب لِئہِ جاڳو،
ننڊ ڦٽائي ناس ڪيو، رکو عاشق اوجاڳو،
”مُحمّد“ لاهوتي لاڳو، نِنڊُن ڪئي نا ملي.

(130)

فرحت ساڻ فقيرُ، رهي تو هِن راج ۾،
پي ڪثرت ڪري ڪِينَ، همدم حقيقي حاج ۾،
قُربَ وارو قَدحُ پي، ويو مَحوُ تي ميئاج ۾،
”مُحمّد“ سدا معشوق آ، عاشق سندي علاج ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(131)

وَڏيرپ ويڙهي، ڪٽي هنيائون ڪَڏَ ۾،
”مُحمّد“ وڏا مچ ۾، مالَ مَتاعَ ميڙي،
رِندن ريڙهي، روح رَليو وِچي رَبَّ سان.

(132)

بـي بَـصَـر، بي گـوش، بـي لِـسانُ گـذار،
بـي دسـت بـي پـا، پِـريـن ڪـج پَـسار،
بـي نـاز بـي نـياز، نَابِـينا نِـهار،
بِي وائي ڪُل وِسار، تہ ”مُحمّد“ مشاهدو ماڻئين.

(133)

مينگهہ مَلهاران باغ بَهاران، اکيان تيڏيان ماهي،
نال نظردي جوئي جَهتيا، اُوئي چوڙي شهنشاهي،
ديس بديس وتيندا رُلندا، روهہ جبل ڏي راهي،
عشق واليان دي ڪِيتي، اَڏ ڳئي نال قساوڻ قاهي،
”مُحمّد“ تيڏي دردا، هويا هردم صاف سپاهي.

Gul Hayat Institute

(134)

ڪَيف ڪَڪوريان ڪَجليان تيڏيان، مارن تِير تُفَنگانُ،
حَشمت نال ڪرينديان حملا، نادِر ناڪ نِسَنگانُ،
اوتر اُلا خوب اُناوَن، اٹموت اَويڙيان اَڙبَنگانُ،
لاغَرض لاخَوفُ ڪيئي، ڪَرديان خون خَتنگانُ،
”مُحمّد“ خاص خُماريان وَتنديان، نال نشي نِهَنگانُ.

Scanned by CamScanner

(135)

دل دا سودا دلبر ڄاڻي، اور نہ ڄاڻي ڪوئي،
جنهن دل درد پرايا، سُڌِ تنهين ڪون هوئِي،
پَٽَ پَٽِيهَر لاه ڪَراهِين، پاءِ فقيران لوئِي،
”مُحمّد“ آپي آپ ڪريندا، جابجاءِ دل جوئِي.

(136)

جنهن لاءِ سِڪين تون سا سِڪَ سِڪَ ۾ سِڪَ ڇٽُ،
جنهن مَٽيءَ تئون پِئين تون سا پِڪَ پِڪَ ۾، پِڪَ ڇَٽُ،
جنهن چاڪَ ۾ چِڪين تون سا چِڪَ چِڪَ ۾ چِڪَ ڇَٽُ،
”مُحمّد“ ڳالھ هِڪَ سمجھ، هِڪُ هِڪَ ۾، هِڪُ ڇَٽُ.

(137)

پکي پرڏيهي، تي آيو مسافر،
وطن سَنياري پانهنجو، هي گهُمرا ڏي گهرِ گهر،
هڪ اوکو اَڻائي، پيو بارِي بُجهي بَر،
”مُحمّد“ ملندو شال وَلر، اَمن ۾ اَمانَ سان.

(138)

هَنجَن بِي هالاڻو ڪيو، ٻُڌُ ڪانُون جي ڪُوڪار،
ڇِتُون ڇَس وني ويا، هاڻي ڇِپِرَن جي ڇهڪار،
بُلبُلا ويا باغ مئون، ٻُڌ هيڙِهَن جي هُلڪار،
مورَ مڙيئي مات ۾، آيا چانڊُولا چؤڌار،
جڏهن اهڙا ٿيا آچار، تڏهن ”مُحمّد“ عاشق پيو مُسِي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(139)

ڪُونجُن ٻِي ڪَرَ ساهِيا، اُهي اُڏِريون اَنَ مهل،
جَبرُوتِــي جُوءِ ۾، آهي اُنهن جي ۾ اَهل،
نڪري ناسُوت ڪئون، ماٽيائون مَلڪُوتِي منزل،
لُطف سان لاهُوت ڪئون، هليون ويون هل چل،
جَهليون ڪنهن نہ جَهلَ، "مُحمّد" رَسيون وڃي ماڳ تي.

(140)

اَللّٰه جي آس ڪري، بيشڪ هڻ تون اوڙَ،
ٻَجُ ٻنيءَ ۾ صفا وجهہ، متان پوءِ نہ پوئي گوڙ،
هُڙهِيا ٻِي هيرڪَ تَئِي، جن وڏي آني لوڙ،
ڪانياٽِي ڪڻ خوشيءَ مئون، تون خوب تنِي کي ڪوڙ،
پيهِرُ ٻِي پڪو ٿِي، تون پرتئون پيهو جوڙ،
"مُحمّد" نيٽڻ نند اُڪوڙ، تہ ٻَنِي پڇيئي ٻاجهہ سان.

(141)

آئي رُتِ بَسَنْتَ جي، ڪليا باغَ بَهارَ،
وڻ ٽِڻَ ٻوٽا موريا، گلشن گلن هزار،
يَئونر بلبل بانوريا، چَمن ڏسي چوڏار،
گُوناگُون عجب گلدستہ، خاصا خوشبودار،
محبوبي مُڪِڙيءَ منجهان، جُڙيا سڀ جنسار،
جانيءَ جَلوبدارَ "مُحمّد" مڙيئي مَست ڪيا.

(142)

آئي رُتِ بَسَنْتَ جي، اُڳِميو عشق انگورُ،
بيحد باغ بَهاريا، ميوا سڀ مَعمُورُ،
"مُحمّد" سَنرِي صابُ پيو، توحيدي ٿُورُ،
نِسوروئي نُورُ، هر جاءِ هُيڪار ٿيو.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(143)

پَنڌِ پَوين نا جاءِ ٻَهڻ ڍِي، طالب توڙان توڙِي،
هڪ دي نال هميشہ هووين، پَتِ ٻيائِي ٻُوڙِي،
دنيا دم گُذَر اِتاهِين، چا متي تي مُوڙِي،
قول هادي دا جي نہ ڄاڻن، سي ٻِي ڪچي ڪُوڙِي،
راہ نہ لڌِي جنهن حقيقي، "مُحمّد" ياڙِي پُوڙِي.

(144)

توڙي رهي سمهي توڙي گوڏا ڪوڙي، تہ ٻِي پنهنجي نيت پاڻ لوڙي،
توڙي پيادو هلي توڙي چڙهي گهوڙي، تہ ٻِي پنهنجي نيت پاڻ لوڙي،
توڙي لامڪاني رهي توڙي جايون جوڙي، تہ ٻِي پنهنجي نيت پاڻ لوڙي،
توڙي ميدان ملهائي توڙي مُنهن موڙي، تہ ٻي پنهنجي نيت پاڻ لوڙي،
"مُحمّد" هيڪڙائيءَ ۾ هڪ رهي توڙي ٻيائي ٻوڙي، تہ ٻِي پنهنجي نيت پاڻ لوڙي.

(145)

اجا ٻي آهِينِ، ڪي دم دنيا ۾ دوست لئہِ،
مرض مُغان مَهدي اچِي، لُطف سان لاهِينِ،
دارُون دردمندن جو، نُهِ قُهِ تا ناهِينِ،
مُورُ نہ مُنجهائِينِ، "مُحمّد" مريضن ڪي.

(146)

"مُحمّد" مريضن جو هادي هِمتَ دارُ،
ڪَپي ڪوري قُرب سان، بَدني هُو بخار،
"لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ"، سُونهارو سردار
اَندروني آزار، مَهٽيندو مِهر سان.

(147)

آزار سان عاشق، اعتقاد عجب،
بيزار سان بَرسَر، بيداد عجب،
اِنڪار سان ابتر، اعتماد عجب،

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

اِقرار سان اڪثر، اِرشاد عجب،
طلبدار سان تَهدل، امداد عجب،
ديدار سان دم دم، دلشاد عجب،
مَهندار سان ”مُحمّد“، مِيعاد عجب.

(148)

مُلَن مامَ نہ پَـرُوڙِي، رُلِي ويا روڏا،
مَٿا ڪُوڙائي مَسجدن ۾، پَجن پيا گوڏا،
تَسبِيح جو تالُ ڪري، وجهن مَٽڪَن ۾ موڏا،
سُورن واري سبق جا، اُهي اصل نہ اوڏا،
”مُحمّد“ لَڪَن جا لوڏا، ڪي سالِڪَ سَهَندا سيگهہ ۾.

(149)

رِنداني راهِ جِي، خبر رکين تو زاهدا،
تَسبيحُون تال تَهجُد، تَرڪ ڪيائون زاهدا،
ورد وظيفا چِلاڪَشِي، گهونگهٽ چِڏيائون زاهدا،
سُڪَ سَهجَ عيش عشرت، مَلامت ڪيائون زاهدا،
سُورِيءَ واري سيج تي، ميدان مَلهايائون زاهدا،
خمر خواري شِرڪ ڪُفر، مزا ماٽيائون زاهدا،
واعظ نصيحت محض ”مُحمّد“، ڪِين ٻُڌائون زاهدا.

(150)

غَيبُ گم ٿيا يار سان، يَڪِ رنگ ٿيا زاهدا،
پَجَر پَرائِيءَ ڪٿون پري ٿيا، پَنهنجيءَ ۾ پيا زاهدا،
قولُ قالُوَ جو قائم ڪيائون، دم غفلت ۾ نہ گذاريائون زاهدا،
نندَ نيڻن جي ڦِٽايُون، سدا سُورَن ۾ گهاريائون زاهدا،
عشق ازلي لَمُ يَزَلِي، بار باري کنيائون زاهدا،

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

ڪَنَ هَٿ پير پنهنجا، بند رکيائون زاهدا،
”صُمٌّ وَّبُکُمٌ“ سُڪوتَ ۾، ساجن سارِيائون زاهدا،
بَر ترَ جهنگ جبل، جهوڪانُ ڪيائون زاهدا،
خيالُ پنهنجي خيالَ سان، ”مُحمّدُ“ ملايائون زاهدا.

(151)

وَندانُ وِرچانُ پاڻ ۾، ويهي اوُر اوريائون زاهدا،
دُوئِي دغابازي حرص حسرت جي، ڪارِسازِي ڪِينَ ڪيائون زاهدا،
سچائي صفائي هردم هيڪڙائي، هر صورت سان زاهدا،
اِلاهي محبت سچي صحبت ڇڏي غيرت، رڳي عبرت ورتائون زاهدا،
اُنهن جي حال جي قِيل و مَقال جي، وحدتي وصال جي حيرت ورتائون زاهدا،
پاڙيائون انجام قول ڪلام، ”مُحمّدُ“ پيغام پهچايائون زاهدا.

(152)

شَوقَئُون شريعت کي ڇڏي، طوُر طريقت ڏي روانا زاهدا،
حقيقت کي حق سمجهي، معرفت منجهه ماتِ، مُحڪم مَردانا زاهدا،
عِلمُ اليَقِين کان بعد عَينُ اليُقِين، پوءِ حَقُ اليَقِين ٿيا زاهدا،
فَنَا فِيْ الْوُجُودُ کان فنَا فِيْ الشَّيْخُ، فَنَا فِي الرَّسُول کان فنَا فِيْ اللّٰه، فنا فِيْ اللّٰه کان بَقا بِاللّٰه ٿيا زاهدا،
تہ بِي سختيءَ ۾ سور کان ”مُحمّدُ“ واندا نہ ٿيا زاهدا.

(153)

Gul Hayat Institute

پلپل پرين سوجهي لڏائون، سيني اندر موج مخفي تن مگر زاهدا،
عام کي ناهين خبر عشق جي چاهي، لاهي پردو ڪيو آ جن پڌر، واقف ٿيا سي زاهدا،
غَينَ جو نُقطو ويو، هِي هُو سيوئي عَينُ ٿيو، فرق فَتُور فنا ٿيو زاهدا،
اندروني اڪ ڪُلي، پول سپ ويو پُلي، هوڪو هَٿ هَٿ ويو هُلي زاهدا،
هيتِ مَتانهين ڪانہ ڪا، نَنڍَ وَڏائِي ڪانہ ڪا، جَڳَتِ مَنائي ڪانہ ڪا زاهدا،
دينُ ڪُفر يڪسانُ ڏِٺم، مسجد مندر يَڪسانُ ڏِٺم، بَر بَحَر يڪسانُ ڏِٺم، اجا نہ سمجهين زاهدا،
ڪوليان ٿو هن راز کي، باطوني بَياضَ کي، اندروني آواز کي، ”مُحمّدُ“ نہ اِنتها زاهدا.

Scanned by CamScanner

(154)

سُورَن سَتِي آهيان، مون کي سُورَن سيکاريو،
پيالو درد فراق جو، پِرين پياريو،
دم دم دَرَ دوست جو، ڏکن ڏيکاريو،
"مُحمّد" پنهنجي مهر سان، وِچ وِره ويهاريو،
بيشڪ بيهاريو، قائم اِنهيءَ قوَل تي.

(155)

سُورَ تيا آهن سامُهان، سَناسِن سدا،
سُکَ سيئي ساڙي ڇڏيائون، فِراقي فِدا،
وصل وائي وات ۾، مُحبَتِن مُدا،
"مُحمّد" اِنهيءَ موج ۾، ڪٽن گامُ گدا،
تنين ڪئون جدا، دم نہ هڪڙو دوست ٿيو.

(156)

سُورَن پَڏو آ سَندرو، سِڪَ منجهان ساهي،
هليا ويا سي هوت ڏي، لاڳاپا لاهي،
"فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ" ناتو نباهي،
"مُحمّد" موٽيا ڪِين ڪِي، سنگت سَنياهي،
ڪوڏَ منجهان ڪاهي، رَسيا رهبر رند کي.

Gul Hayat Institute

(157)

سُورَن مون ساڃاهہ ڏني آهي ڏيهہ جي،
اندروني اُڪيرَ تي اُداسي ارواح،
هڪدم هليا ويا، تڳيءَ وارا تاهہ،
"مُحمّد" پَهريا پرت سان، قرباني ڪُلاهَ،
نوراني نگاهہ، هردم هِينئين ۾ هوت جي.

Scanned by CamScanner

(158)

سُورَن ڪيو آ سوجهرو، ويو اُونداهِي اَتڪاءِ،
سيني اندر سَروپُ تيو، شمعداني شُعاعُ،
دائمي ديدار تيو، لُونءَ لُونءَ اندر لَقاءُ،
"مُحمَّد" تي موجودگي، اَفضَل اَرَضَ و سَماءُ،
حاضر تيو هَرجاءِ، مشاهدو محبوب جو.

(159)

ڪَيُمِ هِتِ حبيب ڪئون، سُورن جو سامان،
ديهيءَ منجهان دُور تيو، دُوئِيءَ جو دامان،
وايون سڀ وسري ويون، حيرت ۾ حيران،
هادي حق همراز تيو، "مُحمّد" مهربان،
لتو گوڙ گُمان، سڪ سڄڻ سردار جي.

(160)

سُورن ساڻ سُلُوڪُ، سُڪن ڪين ڪيو،
اَڻ ڏٺي ڏيهه ڏي، پيادل پنڌ پيو،
خَلل خوف خطرات ڪئون، وَهِي خيال ويو،
"مُحمّد" سو منظور آ، جو پرين پاڻ چيو،
واهُ جو ناهه ٿهيو، منهنجو ۽ محبوب جو.

Gul Hayat Institute

(161)

عشق اندر ۾ وڌا، اَلستي اُدمات،
ويهان ويهڻ نا اچي، ووڙيان وِندُر وات،
لڳي آ لُونءَ لُونءَ ۾، چَئنچل سَندِي چاٽ،
راتيون ڏينهان روح ۾، گهاڙيان ويني گهاٽ،
"مُحمّد" محبوبن جِي، اُجَ وڏي اُوسات،
لائق ڪري لات، ايندا اگڻ منهنجي.

Scanned by CamScanner

(162)

سَچَن کي سدائين، ويئي گڏيو وِيُر،
ڏوري پنهنجي ڏِيلَ مَئون، پاکُ پَسيائون پِيُر،
سِکَ تہ سانول يار جي ۾، ساڙيائون سَريُر،
"فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ"، کيائون ساه سُڌِيُر،
"مُحمّد" بَڌِي مَدِيُر، محبت منجھ مستان ٿيا.

(163)

حُسن جن هِينئين، آيو تن آرام،
کڍي ڇڏيائون قلب مَئون، خطرا ڪُل ئي خام،
"مُحمّد" مَحوُ موج ۾، محبتي مدام،
نِسوروئي نام، پَسَڻ ۾ پيغام تيو.

(164)

حُسن جي حيرت، کيئي گھوٽ گنوائيا،
مشاهدي محبوب جي، حِرص ڇڏيائون حَسرت،
وحدت منجھ وکوڙيا، کِم تِين کثرت،
نياز سِکِي نِوڙت، "مُحمّد" مرد مستان ٿيا.

(165)

پاڻ سُڃاڻي پانهنجو، پوءِ سُڃاڻج سَبُ،
"اَلْاِنسَانُ سِرِّیْ وَاَنَاسِرّهٗ"، مِليئِہ لعلَ لَقَبُ،
"عَرَفْتُ رَبِّیْ بِرَبِّیْ"، ٻيو ناھ سَببُ،
"وَفِیْٓ اَنْفُسِكُمْ اَفَلَاتُبْصِرُوْنَ" رڳ رڳ ۾ رَبُ،
باهِر ووڙج کينکي، اٿئي منجهيئي مَطلبُ،
"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ" اِهو آڻ عَجبُ،
"اَنَا اَحْمَدُ بِلامِيْمٍ"، "مُحمّد" ٿيو مَنصبُ،
حاصل حَسَبُ نَسَبُ، هَرجا هَمذاتِ ٿِي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(166)

ٻيائيءَ کي ڏي ٻَنِ، اَٿئي هيڪڙائي حق،
”لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ“ شِرڪ نڪو شَڪُ،
عَبدُ سو مَعبُودُ، ٻِيا ٻَڪَ نہ ٻَڪُ،
”وَحْدَهٗ لاشَرِيْكَ لَهٗ“ دور ڪري ڇڏ دڪُ،
”فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ“ ساري پڙهہ سَبق،
قائم انهيءَ قول تي، مَردن جو مَرڪُ،
”مُحمّد“ فاني فرق، ڪڍي ڇڏ تون قلب مئون.

(167)

سالڪَ سمجهين ڪينڪي، رَبُوبِي راز،
آدم جو اولو ڪري، اندروني آواز،
سَٽان ڏيتو سوُز مَٺون، شهنشاه شهباز،
همدم همت سان، ڪري پَرن رِيءَ پرواز،
عرش فرش اَفلاڪَ تي، نهايت ٿئي ناز،
”مُحمّد“ مُحڪم موج ۾، ٿيو محبتي ممتاز،
دائم دُر دَمساز، عين اچي اَثبات ٿيو.

(168)

Gul Hayat Institute

عينُ اچي اثبات ٿيو، نانهہ نَفِي نابود،
عبد مئون اعليٰ ٿيو بيشڪ آ بَهبُود،
پنهنجو ڪري پاڻ کي، ثابت سر سَجُود،
هَرجا حق موجود، ”مُحمّد“ چولي مِيمَ جي.

Scanned by CamScanner

(169)

عاشق اُنهيءَ مُلڪَ ۾، هاءِ نڪا هُوءِ،
صَبرَ سانُتِ سُڪُوتَ رِيءَ، بانس نڪا بُوءِ،
مُحبَّ جي ميلاپ جي، ڪورَ نہ لهندا ڪُوءِ،
جاڳندي جوڳن لڌي، سَندِي جانب جُوءِ،
ويجها تيا وصال ڪي، "مُحمّدُ" مُوءِ بمُوءِ،
رِندَ متائي رُوءِ، رمز ۾ رِڍا وڃي.

(170)

رِندن واري راه ۾، ڏوهہ نڪو ثواب،
حقيقت ۾ حجاب ويو، ڪهڙو سوال جواب،
اَحديَتَ ريءَ اَتئي، عَبديَتَ عذاب،
"لَيۡسَ ڪَمِثۡلِهٖ شَيۡءٌ" شائق شوق شتاب،
"مُحمّدُ" تيو مَهتاب، روشن ربوبي راز ۾.

(171)

عشق جَنهِين وٽ آيو، سِڪَ ڏنائون سِرُ،
مال مَڏيون محبوب تئون، گهورَ ڪيائون گهرُ،
سُڪَ سَتِي صاف تيا، ڪنيائون سُورن جو سَمُرُ،
ڏُور ڪري ڏَمَرُ، "مُحمّدُ" سي منظور تيا.

(172)

عشق جنهين وٽ آيو، بنائي بازي،
تَرڪُ ڏنائون تَرڪَ کي، رضا تي راضي،
فاقي فڪر يار جي، فائق فياضي،
گوءِ ڪٽي غازي، "مُحمّدُ" سي مَردان تيا.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(173)

عشق جنهين وٽ آيو، پرت ڪيائون پَنڌُ،
اَڏيءَ تي اُن ڏينهن ڪئون، ڪاٽيائون ڪَنڌُ،
هيڪڙائيءَ ۾ هِڪُ ٿيا، ٻيائيءَ ڏنائون ٻَنڌ،
رِڙهي لڏائون رَنڌُ، "مُحمّدؐ" مست مُقِيم ٿيا.

(174)

عشق جنهين وٽ آيو، جُنبِي جاڳِيَن جَوش،
محويت مئيخان ۾، رهن مُدامِي مَدهوش،
پيالو درد فراق جو، نيهِي ڪَرِن نوش،
لاهي پردو پوش، "مُحمّدؐ" ڳَڏيا وحي ڳَـرَ سان.

(175)

عشق جنهين وٽ آيو، عيش ڇڏيائون عشرت،
وحدت منجهه وَڪوڙيا، ڪِينَ ڪيائون ڪثرت،
نابينائي نيست تي، بيشڪ بِينائي بَصرت،
نياز مَنجهانئون نُصرت، "مُحمّدؐ" ماڻيائون موج سان.

(176)

عشق جنهين وٽ آيو، شُڪر ڪيائون شادِي،
تَهدلئُون تيار ٿيا، وحدت جي وادِي،
ڳُـر ڳَـريـبـانُ ڳـيـرُ ٿـيـو، دانـهـن سُـٽِـي دادِي،
حَقُ ميلِيَن هادِي، "مُحمّدؐ" پنهنجي مهر سان.

(177)

عشق جنهين وٽ آيو، نانگا ٿيا نِهالُ،
خوديءَ ڪئون خلاص ٿيا، بيخودي بَرحال،
راتيون ڏينهان روح ۾، معرفت مَقال،
حقيقت حال، "مُحمّدؐ" تن جو مُول ٿيو.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(178)

عشق جنهين وٽ آيو، مُحڪم ٻڌائون موڙ،
يگانا ٿيا يار سان، گُذرُ ڪيائون گوڙ،
هردم هِينئين ۾ هوت جي، لاهوتن کي لوڙ،
جتي جانب جوڙ، ”مُحمّد“ سدا سَرها ٿيا.

(179)

عشق جنهين وٽ آيو، تنهين سامايو سُور،
پلپل جام پنهونءَ جو، پَلٽيو تنهين پُور،
دمدم ديهيءَ دَرَڪُ ٿيو، محبت جو مَذڪُور،
حاصل حال حضور، ”مُحمّد“ محبوبن جو.

(180)

عشق جنهين وٽ آيو، بيحد ٿيا بيتاب،
جاڳن سدا جِيءَ ۾، خوشي ڪن نہ خواب،
اُڀريو عين اندر ۾، اعليٰ آفتاب،
نينهُن ڪري نواب، ”مُحمّد“ گوهر گم ٿيا.

(181)

عشق جنهين وٽ آيو، ڪاهئون ڪاهَ ڪري،
سدا ساميئڙن کي، محبت مَچُ ٻري،
جيرو جگر جِهيرَ ٿيا، ماسُ هڏو چَري،
ڪڏهن ڪِينَ ٽري، ”مُحمّد“ جهوليءَ جُهليو.

(182)

عشق جنهين وٽ آيو، سُوريءَ سَيرُ سَواد،
”اَلَستُ بِرَبِڪُمُ قَالُوا بَلٰى“ مَردن ڪيو ميعاد،
مونڻ تن مَيار ٿيو شائقن دلشاد،
اصلئون ٿيا آزاد، ”مُحمّد“ معنيٰ مُلڪ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(183)

عشق جنهين وٽ آيو، پرزا ڪيائون پاڻ،
لُونءَ لُونءَ ۾ لڳي ويو، ٻاروچل جو ٻاڻ،
اصل آديسن ڪي، اِهو آهي اُهڃاڻ،
سيّد ٿيندو ساڻ، ”مُحمّد“ سالم سات سان.

(184)

عشق جنهين وٽ آيو، جهنگل جهوڪان ڪن،
ويجها وَسَنُوَ نا ويا، بيوس بَـرَ پيلِن،
سدا سُهڻل يار جِي، ٻي جِي ڪِينَ ٻُڌن،
طالب ٿا تانگهِن، ”مُحمّد“ مشاهدي مِيمَ جي.

(185)

عشق جنهين وٽ آيو، دَستُ ڪنيائون دارَيُن،
راتيون ڏينهان روج ۾، بيشڪ هِن بي چين،
ويجها ٿيا وصال ڪي، جيئن ’قَابَ قَوسَيُنِ‘،
حامي ٿيا حَسنين، ”مُحمّد“ مشتاقن جا.

(186)

ناڪو هٽي نينهن جو، واٽ وٽي ويهيج،
چوڪيداري چُست ٿي، راتيون ڏينهان ڏيج،
چئو وائئي چَؤسُول تي، ڏُران ڏيان ڏريج،
”مُحمّد“ مُنهن محبوب ڪان، مُوران نا مَتيج،
تڏهن سُکِ سُمهيج، جڏهن ڪرين هَتيڪو هوت ڪي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(187)

دام دُشالا دُور ڪري، پرتئون پَڌ پِنِڪو،
سيج پلنگ ساڙي سُوڙي، پير رَکج پِنَڪو،
خاص ڪٽيءَ ۾ خوب خماريل، پهرج نا پُنِڪو،
سِرَ سجاڻ ڪئون سوا، اَتي ڳالهين جو ڳِنِڪو،
"مُحمّد" مون محبوب جو، مُور نہ ٿئي مَنُڪو،
نياز سندو نَنِڪو، اصل عوشاقن جو.

(188)

بانڪا ڪيڏن برہ جي، ڏيهيءَ درد ڏمال،
من ۾ محبوبن جي، مدامي مقال،
"اَلْعِشْقُ نَارٌ يُّحْرِقُ"، اندروني احوال،
وينا ڪن وجود ۾، واحد ساڻ وصال،
قائم قرب ڪمال، "مُحمّد" مشتاقن سان.

(189)

اصل عاشقن جي، خُمر آ خوراڪ،
نشي نازڪ نينهن جي، اعليٰ اِستغراقُ،
پرت وندا پريت جي، پهرِن تا پوشاڪ،
"مُحمّد" مَتا موج ۾، اُهي محبتي مشتاق،
هوندا حيرتناڪ، حاضر هر جاءِ تي.

Gul Hayat Institute

(190)

اصل عاشقن تي، خُمر جي خواري،
ڪُفر ۽ اسلام ڪئون، عارف ٿيا عاري،
مدامي محبوب جي، ڳجهيءَ تن ڳاري،
"مُحمّد" گهايا گهُور ۾، ڪين وجهن گهاري،
سُوريءَ هَسوارِي، سدا سويِنَ سُونهَن جي.

Scanned by CamScanner

(191)

سوئي ساهُ پَساهُ، سوئي عَبدُ اَللّهُ،
اندر تو اُڌمان ڏئي، اُداسي ارواحُ،
موجودگيءَ ميم جي، "مُحمّدُ" مَظهر ماهُ،
ڪر تون نظر نگاهُ، عَينَن ۾ اثبات ٿَئي.

(192)

عَينَن ۾ اثبات ٿِي، اِلاهي اِسرار،
"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلىٰ صُورَةٖ" سُونهارو سردار،
مالڪُ مِڙني مُصطَفيٰ، "مُحمّدُ" خود مختيار،
قادر قربدار، هِن قَضا جي ڪوٺ ۾.

(193)

محبت جي ميدان ۾، غازن ڪيو گهيرو،
سوجهي لذائون سُرت سان، پِرينءَ جو پيرو،
"مُحمّدُ" مُغان جي مهر سان، مَهنيائون ميرو،
دوست جو ديرو، ويجهو ڪيائون وجود ۾.

(194)

ويجهو ڪيائون وجود ۾، ڳَليون نا ڳولِن،
منجهه ئي ڪن موجودگي، ٻاهر نا ٻولِن،
روحاني راز ڪي، ڪنهن سان نا کولِن،
گهورِيون سِرُ گهولِن، "مُحمّدُ" سي محبوب ٿئون.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(195)

سِرَ جي دعويٰ دُور ڪري، هِنَ سُرڪَ تي سلطان اچن،
جابِرَ جَنگِي جَذبَ جَلالِي، جوشيلا جولاَنَ اچن،
شوق شمع تي شائق شِيدا، پختا ٿي پروان اچن،
ڪوڏ منجهانرؤن ڪنڌ ڪَپائِن، مَردانا ميدان اچن،
محبت جي ميدان وِچالي، ”مُحمّد“ ڪي مستان اچن.

(196)

هِڪو حال ميڏا نا هويا، مُسرت ڪَڏان مَجذُوبِي،
تيز طُلُوع تمام ڪَڏان، گمنام تي غَيبُ غرُوبِي،
دؤر درُونِي دائم درشن، قِيل مَقال قَلُوبِي،
حاصل حال حقيقي سارا، ”مُحمّد“ رنگ رَبُوبِي.

(197)

ماهِ لَقا محبوب مُنَور، عين عطا اَلقابَ اَثر،
نوعا نوع گفتار شِيرين، ياوَتِ شَهد شَڪَر،
برباد خزان آباد گُلي، شمشاد شريف شَجر،
موجود مُغان مُمتاز مَدح، ”مُحمّد“ هَر مَظهر،

Gul Hayat Institute

(198)

ڪَهٽِيءَ ۾ قاصد، رهٽِيءَ ۾ رَبُّ،
”لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ“ سوئي آ سيّ،
”اَنَا اَحۡمَدُ بِلامِيۡمِیۡ“، اُهو عين عرب،
”مُحمّد“ مَنصبُ، ماڻي وِيتو موج سان.

Scanned by CamScanner

(199)

ماڻي ويتو موج سان، خارج خوف خطر،
"وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰی اَمْرِهٖ" نرتئون نيڪ نظر،
حقيقت حال جي، خاصن خوب خبر،
"مُحمّد" مَظهر، مُنجهايو مخفي مام ڪان.

(200)

مرشد مون سان مِهر ڪئي، تڏهن جاڻ اِهو مون جاتو،
راتيون ڏينهان روح منهنجي ۾، اورڻ اِهو اوراتو،
سيني اندر سَير ڪرڻ سان، صاف صحيح سڃاتو،
پُرجَهڻ سان پاتو، "مُحمّد" مامَ اِنهيءَ ڪي.

(201)

مُحمّد مام انهيءَ ڪي، سمجهن تا سالِڪَ،
"لامَقصُودُ فِيْ الدَّارَيْنَ" رکن نا تَعلُقَ،
خوديءَ ڪان خلاص ٿي، خوفَ رهيا خالِقَ،
"مُحمّد" سي مالِڪَ، قابو قرب قدير جي.

(202)

سِڳهو وَرُ تون سَيّدَ، ڪر دير نہ هڪڙو دم،
هيڻي منهنجي حال تي، ڪر قادر پنهنجو ڪرم،
توڙئون تو تئون قربان ڪَيَمِ، دنيا دِين ڌرم،
لائق پنهنجو لطفَ ڪر، رک تون لَڄَ شرم،
"مُحمّد" جو مَحُرمُ، اصل روز اَلستَ ڪئون.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(203)

پيرِمُغانَ جي هَٽئُون، بيخود پيالو پيءُ،
”مُوتُوا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوا“ مري مِٽِي ٿِيءُ،
پِيَڻ سان تَنهنجي، دو جَڳان جُڳَ جِيءُ،
مَحبت جي ميدان ۾، سدا خُمارِيَل کِيءُ،
ساڳو سِر تون ٿِيءُ، ”مُحمّد“ انهيءُ موج ۾.

(204)

”مُحمّد“ انهيءَ موج ۾، مست رَهج مستان،
دنيا دين ايمان جو، تَرڪُ ڪري طوفان،
نابُودِي نانهه ڪري، نڪري ٿيءُ نشان،
بره جي بازار ۾، ره بيحد بي گمان،
شاهي تُنهنجو شان، ”مُحمّد“ سدا موجود آ.

(205)

”مُحمّد“ سدا موجود آ، شُبَهو نڪو شَڪُ،
حقيقت جي حال ۾، هر دم آهي حَقُ،
نابِينَن ناحق، سمجهو پنهنجي سُرتِ سان.

Gul Hayat Institute

(206)

دل سندي درياه ۾، مون نڪو تُون،
نڪو بيڪُ بَشر جو، نڪا بانُسَ نہ بُون،
نڪو سازُ سَرود، نڪو راڳ نہ رُون،
نڪو لُڙُ بَڪيڙو، نڪا چانُ نہ چُون،
”مُحمّد“ هِڪو هِڪُ آ، ڏيههَ نہ آهن ڏُون،
پِرين پَرکِيوسُون، دائم انهيءَ دستور سان.

Scanned by CamScanner

(207)

آءُ مُلان مَتِ گهِن ميڏي، نال خيال تون دِل دي،
عشق دي حال کنون واقف ٿيوين، سِر ڏيوين تون کِلدي،
زُهد تقويٰ زير ڪراهين، پِڇي تَرسين نہ تون وچ تِل دي،
نفل نمازان ورد وظيفا پڑهہ، مُورُ نَهين تون مِلدي،
مَئي دا جام پِيوين وچ مستي، ايوين ٿور عجائب ٿِلدي،
"مُحمّد" مُڙڻ محال تِنهان نون، ڏيکو سُورِي سواري سِلدي.

(208)

حقيقت حال کي، عين ڪيان اظهار،
معنوي مامر جو، ڪو ڪو خريدار،
"وَاِذَا رَاَيۡتَ شَيۡءٍ اِلاَّ وَرَاَيۡتُ اَللّٰه" گويائي گفتار،
سمجهي ڏِسُ تون ڏيل ۾، سندي پرين پچار،
تہ دوست ناهين ڏار، "مُحمّد" تو مُقِيم ٿِي.

(209)

واصِل باِللّٰه وجود ۾، ويهي ڪن وٿاڻ،
پُختا ٿي پاڻ ۾، پنهنجو پَسن پاڻ،
انهن کي احديت جو، اصل آ اُهڃاڻ،
"مُحمّد" ڪري ماڻُ، منجهيئي موجود ٿيا.

(210)

منجهيئي موجود ٿيا، ڪاٺيارا هِن ڪِينَ،
آوازي اَنهَد جي، بيحد وڄائِن بِينَ،
هر هولي هر راز کي، عاشق ڪن آمين،
واقف واصِلينَ، ٿيا "مُحمّد" انهيءَ ملڪ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(211)

"مُحمّد" اُنهيءَ ملڪ ۾، مُورَئون نہ مُونجهارو
اَلوهِيت اسرار جو، سمجهہ عاشق اشارو
لوڪُ لَهوارو هلي، تون اُلٽ اوبارو
ساوَڻ سيارو، "مُحمّد" مستي موج ۾.

(212)

شوق شراب پئين تان مست ٿئين، ماڻين مَوج اِلاهي تون،
غَير غُرور نہ غالب، ٿِي اعليٰ اَدراڪِي آگاهي تون،
روشن راز رَبُوبِي رِندِي، راه حقيقت راهِي تون،
مامَ انهيءَ ۾ مُحڪم ماهِر، "مُحمّد" معنيٰ ماهِي تون.

(213)

شوق شراب جو شُعلو ڏس تون، غير سيوئي ساڙي،
علم لُدني واقف واصِل، صحيح سُورَن سبق پاڙهي،
اَللہ اثبات ڪري وري، لانفيءَ ڏانهن لاڙي،
"مُحمّد" زوران زور هَلان ڪري، وِير وحدت ۾ واڙي.

(214)

عاشق اڪثر ڪيئي اُتي، ڪُتا قريبن،
ڪُوڙَن ڪنڌ ڪَپائيا، وجي اڳيئون عجيبن،
ڪم اِهوئي ڪرڻو آهي طاقت طَبِيبَن،
ٻُڪِي ملي ٻاجهہ جي، "مُحمّد" مريضن،
تيو فيض فقيرن، فڪر فَنا فِيْ اللہ جو.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(215)

فَنَا فِيْ اللهِ فـقـير تـي، پـوءِ ملڪ بـقا ماڻِـن،
ڇايا جَنهين ڇاڻ ۾، ڇاڻُ اُهو ڇاڻِـن،
ڪڏهن اُهي ڪينڪي، طرف ڪَنهِين تاڻِن،
هيڪڙائيءَ ۾ هيڪُ ٿيا، "مُحمّد" غير نہ آڻِن،
وحدانيت واڻِن، ويٺا پنهنجي وجود ۾،

(216)

ويٺا پنهنجي وجود ۾، ثابت سَيرُ ڪَرِن،
ٻي ٻولي ڪانڪا، دائم دم ڀَرِن،
ڪَپي قديمي ڪات سان، منجهيئي ماسُ چَرِن،
اُنهن کي ٿا اندر ۾، محبت مچ ٻَرِن،
"مُحمّد" ڪِينَ مرن، اُهي هميشہ حيات ٿيا.

(217)

پيرِ مُغان ڏنو آ، شوق پيالو شير،
قلبَ مئون ڪٽجي ويو، غفلت ۽ غير،
پُرجهي لذمر پِرتِ سان، ڪُپيريءَ جو پير،
ويري رهيو نا ويرُ، "مُحمّد" انهيءَ ملڪ ۾.

(218)

"مُحمّد" اُنهي مُلڪ ۾، ٿيا گم گوهر غازي،
رِندَ رضا يار ۾، آهن سدائين راضي،
ڪڏهن پڇن ڪينڪي، قضا ۽ قاضي،
بره جي بازي، "مُحمّد" ڪيڏن بانورا.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(219)

جيڪي ڪالهه ڪيام، وَڃن ويڙهيچن سان،
آيَل اُنهيءَ ڏينهن ڪان، پاڙڻ سڀ پيام،
آهن ياد سدائين، جي پِريَن پاڻ ڇيام،
وسري تان نه ويام، "مُحمّد" محبوبن جا.

(220)

"مُحمّد" محبوبن جا، مون جيءَ اَندرِ جَڙيا،
عَينَ عَينَن سان اچي، الستي اَڙيا،
ڪُنديا تنهنجي قرب جا، اچي قابُون سي ڪَڙيا،
لائق نا لڙيا، "مُحمّد" محڪم مَن ۾.

(221)

منهنجا سڀ ميرا اچي، ڌوتا پاڻ ڌَڻِ،
ڪڏهن ڏنائون ڪينڪي، منهنجي ڏي عَيبَن،
ڪنيائون خوشيءَ سان، اچي عاجز اَپوڃهن،
بارِي بارُ ڪڻن، "مُحمّد" جو مَهندار ٿي.

(222)

اَيرا سَيرا اَڄاڻ، آهيون اصل آديسي،
پَرتل آهيون پرين ڪي، پانڌِي پرديسي،
حُجتَ ناهين هوت سان، هيٺا نا هيسي،
"مُحمّد" جِي ميسِي، ڪارَڻهِن اچي قلب جي.

(223)

رات گذري ڏينهن ٿيو، سارينديِ سُبحان،
وايون سڀ وسري ويون، هڪ نالو ٿيو نيشان،
جيڏيون منهنجي جيءَ ۾، جاڳي پيو جولان،
ويو وجودئون نڪري، غير سَيو گُمان،
"مُحمّد" ٿيو مهمان، مُحبُّ اچي مئيخان ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(224)

اصل عاشقن تي، وُڙهو قرب وارو ڪاتُ،
مَري جي جِيئن، اُهي هميشه حيات،
ساڙيائون صِفات ڪي، ٿيا ظاهر باطن ذات،
"مُحمّد" نا مَماتِ، مست رهيا مئيخان ۾.

(225)

مست رهيا مئيخان ۾، بانڪا بي پرواهه،
ڪِينَ منجهان ڪجهه ٿيا، ڪاڏي ڪَرِن ڪاهه،
ساڳو سِرُ سجاتائون، وَرتل سي ويساهه،
اُهي هادي شهنشاهه، "مُحمّد" پنهنجي موج ۾.

(226)

عشق لڳو عِيدان ٿيون، سدا باغ بهار،
وهم وجودي وسريا، دم دم ۾ ديدار،
لِڪو ناهين لوڪ ۾، ازل ڪان اظهار،
"مُحمّد" جو منتار، هَرجا حق موجود ٿيو.

(227)

سڃاڻي سُپرين، هردم هٿ ڪَيُمِ،
دُوئيءَ جي ديوار کي، بيشڪ مان ڀَڳُمِ،
هيڪڙائيءَ هوشيار ڪيو، خامُ خَلل وِيُمِ،
پوءِ پَرو پِيُمِ، "مُحمّد" انهيءَ مام جو.

(228)

"مُحمّد" انهيءَ مام کي، ڪي سالڪ سڃاڻن،
"لامَقصُودُ فِيْ الدَّارَيْنَ"، اوُج اِهو آڻن،
مَحويَتَ ميلاپ جي، مَوج سدا ماڻن،
طرف نه ٻئي تاڻن، تڪڙا ٿيا توحيد ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(229)

صوفي ٿِين نہ صفا رک، من اندر جو ميرُ،
هر جاءِ تي حق ڏس، گم ڪري ڇڏ غيرُ،
پُرجهي لهہ پريت سان، ڪُپيريءَ جو پيرُ،
پوءِ سلطاني سَيرُ، "مُحمّد" ڪر تون موج سان.

(230)

صوفي ٿيڻ نہ سُترو، ٿو سڏائي سيڪو،
سِيتيا وتن سِيٽَ ۾، نہ يانئن تا مَٽَ ڪو،
مُوڙهَن ٻَڌو مٿي تي، ڪٽي گيڙُوَ جو پٽڪو،
ناحق جو نَتِڪو، "مُحمّد" مارائيندو موچڙا.

(231)

لنگهي لاحد ۾ ويا، پيچي حد حجاب،
نڪا غرض گناهہ جي، نڪا سُڌِ ثواب،
نڪا بُوءِ بهشت جي، نہ دوزخ جا عذاب،
نڪا قبر قيامت، نڪي سوال جواب،
"مُحمّد" نينهن نواب، دائم اُنهيءَ ديس ۾.

(232)

دائم اُنهيءَ ديس ۾، تا غازي گذارِن،
الستي اقرار کي، ويلهہ نہ وسارِن،
"قالُوا بَلىٰ" جو قرب سان، سبق سَنيارِن،
اَندرُ اُجارِن، "مُحمّد" انهيءَ مام سان.

(233)

منهنجو ٻنهي جَهانين، آهي مرشد شَمع نُوراني،
"کُنتُ کَنزٌ مَخفِياً"، آهي گوهر گَنجُ مَعاني،
هادي هَردو سَرا، آهي فائق فيض رساني،
جابر جُنگ جيلاني، "مُحمّد" جو محبوب آ.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(234)

ڏِسِي وائِسِي ويساهه سان، مرشد اهڙائي ڪجن،
واهر وِلهَن جا آهن، اُهي آذَرَ اَبوجَهن،
عَيبدارن جي اڳ ۾، حاضر ناظر هُجن،
ڪڏهن ڪِين ڇَڏِن، "مُحمّد" ساري سات ڪي.

(235)

ڀَلن مئون ڀَلو ٿئي، اُهي ڪِينَ بُرائِي ڪن،
لَڄائون لُطفَ سان، لائق لَڄ پالِن،
گَڏ گُذارِن گوش سان، جدا نا جالِن،
ثابت سَنيالِن، "مُحمّد" وَرائي وَڳَ ڪي.

(236)

وڏيل واڏوڙِيَن وٽ، وينا ئي وِرسَن،
رهبر جي رِهاڻ ۾، روح تا ريجهائن،
سبق سورن وارو، تا پلپل پَچائِن،
بيخودي بَرحال سان، خام خودي ڪائن،
واه واه وَسائن، "مُحمّد" اُنهيءَ ماڳ ڪي.

(237)

وڏيل واڏوڙين وٽ، ويهي ڪن وِرُونهَ،
لڱِلَ لِنوَ لَقاءَ جي، لَهَس اَٿن ڪا لُونهَ،
سيني سؤز فراق جي، ڇاڪ ڇِڪَندڙ ڇُونهَ،
"مُحمّد" ساجن سُونهَ، ويڙهي تن وَڪوڙيو.

(238)

وڏيل واڏوڙين جي، وينا ڪن واڪاڻ،
پئي تن پربت جي، ڄمندي لاڪُون ڄاڻ،
اورن اورَ عجيب جي، پِرتِ وَندا پاڻ،
"مُحمّد" محبت جا، تن پريا آهن ياڻ،
تن ڪي اوتَ نہ آڻَ، ٻِي ڪا ٻِي ڪنهن قِسمَ جي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

وڏيل واڍوڙين وٽ، تا پنڌ پراھون ڪن،
سِڪايَل جي سِڪَ ۾، تا گُوندر گُذارِن،
اصلئون تن آرام ويو، مُورَئون ڪِين وِهَن،
ڪاهي تن ڏي ڪَسْتَ مئون، اُهي ويچارا وڃن،
مِليُون پيا مِلن، "مُحمّد" ڪڏھن مُڙيا ڪينڪي.

(240)

وڏيل واڍوڙين سان، ڪن ڳُجھيون سي ڳالهيون،
دائم درد فراق ۾، ڪن اکيون سي آليُون،
روئڻ جي رِهاڻ لئہ، پِريَن جي پاليُون،
سِڪيا آھن سِڪَ مئون، اِھي چوراٽيون چاليُون،
جانب سان جاليُون، "مُحمّد" گذارِن ڏينهڙا.

(241)

وڃ وڃڻ کي ويجھڙو، تون وِکَ وَڌائي وڃ،
دُوئِيءَ جي ديوار کي، تون پورا ڪري پيچ،
مرشد وارو مَچُ، "مُحمّد" اکر اَحديَت جو.

(242)

وڃ وڃڻ کي ويجھڙو، تون وک وڌائي ويھُ،
وحدت جي درياہ ۾، پاڻ چڙھي تون پيھُ،
تہ ڏِسين سارو ڏيھُ، "مُحمّد" پنھنجي ڏِيلَ ۾.

(243)

وڃ وڃڻ کي ويجھڙو، تون وِکَ نہ پوئتي ھَٽُ،
ھستيءَ جي حجاب کي، چُورُ ڪري چڙ چَٽُ،
بره جي بازي ڪَٽُ، "مُحمّد" تون مَردانُ ٿي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(244)

وچ وچڻ کي ويجهڙو، ٻيا وَسِيلا ٿي وار،
"فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ" اِهو سبق سنيار،
"قَالُوْا" قول وِسار، "مُحمّد" نہ تون مُورَنُهِين.

(245)

وچ وچڻ کي ويجهڙو، ويھ نہ ڪا ويرمَ،
وهم وجودي ويَس جا، ڪر خطرا خيال ختم،
دوستيءَ وارو دم، "مُحمّد" رک محبوب سان.

(246)

وچ وچڻ کي ويجهڙو، ٻِي وائي ڪر نہ واتِ،
"لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ" ذاتِ رَلِي وجي ذات،
"مُحمّد" ملاقات، تون ماڻج وجي موج سان.

(247)

وچ وچڻ کي ويجهڙو، مَحوِيَتَ وٺ موج،
فڪر جي ڦَرهي سان، فالم ڪر تون فوج،
اِلاهِي اوُج، "مُحمّد" ڪر مُدام تون.

(248)

وچ وچڻ کي ويجهڙو، جدا تون نا جال،
هَتِ ڪر پنهنجي هينئين ۾، ڳُجهي ڳُجهَ جي ڳالھ،
قائم قِيل مَقال، "مُحمّد" تو موجود آ.

(249)

وچ وچڻ کي ويجهڙو، معنيٰ ۾ معبود،
پنهنجو ڪر تون پاڻ کي، ثابت صحيح سجود،
بيشڪ آنْ بَهبُود، "مُحمّد" پنهنجي ملڪ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(250)

وچ وڃڻ کي ويجهڙو، گم ڪري ڇڏ غَير،
حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ٻيو ڦندُ ناهين ڪو ڦيُر،
ويرِي رهيو نا ويُر، "مُحمّد" منجهه موجودگيءَ.

(251)

وچ وڃڻ کي ويجهڙو، سُرتِ سَچو سالڪُ،
دُرسُ آهين دارين ۾، پِرتِ وَندو پالِڪُ،
"مُحمّد" خود مالڪ، مؤلا مُلڪَ ساري جو.

(252)

وچ وڃڻ کي ويجهڙو، رُوپَ ڇڏي رَنگَ،
ويندا وحدت ڏي، ڪي ڪاهوڙي خَتنگَ،
"مُحمّد" مَستُ مَلنگَ، جائي ره تون جُوءِ ۾.

(253)

وچ وڃڻ کي ويجهڙو، شُبَهو لاهي شَڪُ،
"فَاَيۡنَمَا تُوَلُّوۡا فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰهِ" هَر جا آهي حَقُ،
مَردن جو مَرڪُ، "مُحمّد" پُرجَهڻ مامَ کي.

(254)

وچ وڃڻ کي ويجهڙو، مام پروڙي معنيٰ،
پهري هل تون پرت سان، ڳل ڳچيءَ ڳانا،
سُورهيہ سُلطانا، "مُحمّد" مشاهدو ماڻ تون.

(255)

وچ وڃڻ کي ويجهڙو، تَرسَڻُ ناهين تِرُ،
شمع واري شعاع تي، پروانا پيو ڦِرُ،
صَدقو ڪر تون سِرُ، تہ "مُحمّد" مِلين سِرَ کي.

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

(256)

وڃ وڃڻ کي ويجهڙو، سِرَ يِرِ سامهون ٿِيءُ،
مئيخاني جي مَٽَ تئون، بيخود پيالو پيءُ،
مري "مُحمّد" جِيءُ، تہ ويجهو ٿين وصال کي.

(257)

وڃ وڃڻ کي ويجهڙو، سَيرُ صَفا سِيني،
عاشق ڏس اندر جي، عين عطا آئيني،
"مُحمّد" نابِيني، نظر نہ آيو نُورُ بِي.

(258)

وڃ وڃڻ کي ويجهڙو، فاني ڪري فرق،
غازي غائب غيب ۾، غفلت ڇڏي غرق،
تون مان ہئي ترکُ، "مُحمّد" رَسيو ماڳ تي.

(259)

وڃ وڃڻ کي ويجهڙو، فرق ڪري فانِي،
نانهہ منجهئون نروار ٿي، نازڪ نيشاني،
صورت سُبحاني، "مُحمّد" اَلانسَانُ ٿِي.

(260)

وڃ وڃڻ کي ويجهڙو، ڏاها ٿي نا ڏُور،
کُليل تاکِي کول تون، پُوريَل در بِي پُور،
"مُحمّد" تو کئون مُور، پرين پري نانهہ کو.

(261)

وڃ وڃڻ کي ويجهڙو، ڏاها پُڇ نہ ڏَس،
جيئن پارس لوہ سان، تيئن گاسَ پيوئي گَس،
رمز رِندانيءَ رَس، "مُحمّد" مغان مِهر سان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(262)

وچ وچڻ کي ويجھڙو، وارثُ تون والي،
بيشڪ ڀَريو ڀَرپور آن، ڪڏهن نا خالي،
لاتيُون وَتُ لالِي، "مُحمّد" پنهنجي موج سان.

(263)

وچ وچڻ کي ويجھڙو، تون اعليٰ اَڪبرُ عَينُ،
بانڪا بي پرواھ تي، گـم ڪري ڇڏ غَـينُ،
هادي حج حَرمَيُنُ، "مُحمّد" تون مَسجُود آن.

(264)

وچ وچڻ کي ويجھڙو، تون فائق سر فُرقانُ،
ٻاهر ٻوليون تو ڪري، ناطِقُ الْقُرآنُ،
صفا سَيفَ رَحمانُ، "مُحمّد" هيٺ مٿي هرجاءِ تي.

(265)

وچ وچڻ کي ويجھڙو، قائم اتئي قول،
آيو احديت مئون، آدم جي ڪري اول،
ڀُلَ نہ تون ٻي ٻول، "مُحمّد" ڪر اعتبار تون.

(266)

وچ وچڻ کي ويجھڙو، پُرڄهي ڏس تون پاڻُ،
عدم ڪئون آيو هلي، ٻري محبت وارو ماڻُ،
تو سان آهي ساڻُ، "مُحمّد" ٻري ٻانءِ نہ پاڻ کي.

(267)

وچ وچڻ کي ويجھڙو، گوهر تي تون گُم،
سڃاڻج سيني اندر، "وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ"،
اِهو اوُچ عَزمُ، "مُحمّد" رکج من ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(268)

وڄ وڄڻ کي ويڇھڙو، توکئون نانھ پري،
"وَنَحنُ" وِتِيِ وار جي، ڪڏھن ڪِينَ ڪري،
زابِرِ ذري ذري، آھي "مُحمّد" سان ميلاپ ۾.

(269)

وڄ وڄڻ کي ويڇھڙو، ذوق رکي ذاتي،
سمجھ رکي سڄاڻ تون، وري ناھين مَماتِي،
ھردم حياتي، "مُحمّد" مرندو ڪينڪي.

(270)

وڄ وڄڻ کي ويڇھڙو، شائقَ تون شِتابُ،
پَڙھيُون پڙھج پرت سان، باطوني تون بابُ،
رَبُوبِي رَبابُ "مُحمّد" وڄائج وِيَر تون.

(271)

گام ڪٽي غازي، کي وڃن وِيَر وَريامَ،
ياد انھن کي ڳالھڙي، ڄمندي لاَکُون چامَ،
پيتائون پُر ڪري، پِري ڪَوثَر جامَ،
پرين جي پيغامَ، "مُحمّد" تن کي مست ڪيو.

(272)

گام ڪٽي غازي وڃتي نا ويڻا،
دائمي دَرُونَ ۾، پاڻ اُھي پيڻا،
اصلي اُنھيءَ ڏيھ جي، ھُيَن ڪا ڏيڻا،
تَنين جي چيڻا، "مُحمّد" تي اُنھيءَ ماڳ تي.

(273)

گامَ ڪٽي غازي، تا گُھوران ڏئي گِھڙَن،
ڏنائون منھن محبوب جو، ڪڏھن نا ڦِرن،
راتيون ڏينھان روح ۾، جھوريءَ پيا جُھرن،
وينا روز سُرَن، "مُحمّد" سيني سُور ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(274)

گام ڪٽي غازي، اُهي وينا ئي وِرسَن،
پِيُن پَهُه پرين جو، ڪن تا پَچر پرين،
در متي دادلا، بيٺا دانهون ڪن،
اچي مانَ ملن، "مُحمّد" چوي سُپرين.

(275)

گام ڪٽي غازي، ڪن تا عاشق اوجاڳا،
ننڊ ڦٽائي ناس ڪيائون، ٿيا سُورهيه سَياڳا،
موڙن مُنهن محبوب ڏَهون، نِڏر نياڳا،
سامي سياڳا، "مُحمّد" مليا گُرَ ڪي.

(276)

گام ڪٽي غازي، وڃي حاصل ٿيا حُضورَ،
هڪ ٿيا وڃي حق سان، ڪاٽي ڪُل قصُورَ،
ڪن تا رِند رهاڻ، اُهي محبتي منظورَ،
"مُحمّد" ٿيا مَسرُور، مرد مَچي مئيخان ۾.

(277)

گام ڪٽي غازي، ٿيا مَن اندر مُشتاقَ،
سوجهي لذائون سَرِيرَ ۾، احديت اوطاق،
وريو ورق وصال جو، فنا ٿيا فراق،
حاصل ٿيا حَقَ پاڪَ، "مُحمّد" پنهنجي موج ۾.

(278)

گام ڪٽي غازي، حرص ڇڏيائون حسرت،
وني وينا پاڻ ۾، عين اِها عبرت،
هليا ويا سي هوت ڏي، غرق ڪري غيرت،
پوءِ تن هٿ آئي حيرت، "مُحمّد" معنيٰ ملڪ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(279)

گام ڪٽي غازي، تا ڪڏهن ڪِينَ ڪُسَن،
جانبِ جَڙي جيءَ ۾، آهي لڳي تن جُسَن،
رهبر سندي راز ۾، رِندَ نتا رُسَن،
توڙي ڪات ڪُسَن، ”مُحمّد“ ساڳِي سَلِين ڪينڪي.

(280)

گام ڪٽي غازي، تا اندر منجھ اورِن،
چوري چرخو چاهَ مئون، چُست ويٺا چورِن،
راتيون ڏينهان روح ۾، تا سِڪَ سَڳا سورِن،
ڏونگر نا ڏورِن، ”مُحمّد“ ديھيءَ تن ديدار ٿيو.

(281)

گامَ ڪٽي غازي، ٻيا سڀ سَتيائون سانگَ،
اصل روز ازل ڪئون، ٻرهَ ٻڌائون بانگَ،
يار سان يڪ رنگ ٿيا، ڪِينَ اُڏارِن ڪانگَ،
چُڙيل چِڏي چانگَ، ”مُحمّد“ هَتيڪا هوت ۾.

(282)

گام ڪٽي غازي، ويا وحدت منجھ وادي،
وجي ڪَرِن تا اوڏهين، اُهي عاشق آبادي،
بنا عشق الله جي، ٻي سڀ بربادي،
اچي حق مِلِيُن هادي، ”مُحمّد“ پنهنجي مهر سان.

(283)

گام ڪٽي غازي، وتن لوڪن ڪئون لِڪا،
ٻي ٻولي اٿن ڪانڪا، تا ڪَرِن ڳالھ هِڪا،
پاڻُ پائن تا ڪينڪي، رهن سڀ ڪئون جَھڪا،
سِري ٿين تِڪا، ”مُحمّد“ سينو ساهِن ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(284)

گام ڪٽي غازي، سِرُ ثابت ڪيائون سُبحان،
"اَلْاِنسَانُ سِرِیْ وَاَنَاسِرَّہٗ". آيت اَلْاِنسَانُ،
سمجھي انھيءَ مام کي، ڪو جُنگ هجي جوانُ،
نالو ڪري نيشان، "مُحمّد" مردانا مَخمُور ٿيا.

(285)

گام ڪٽي غازي، اچي عدم ڪيائون وجود،
پنھنجو ڪَرِن پاڻ کي، تا سالڪ صاف سَجُود،
آهي روز الست ڪئون، مَلڪَن جو مَسجُود،
مالڪ آ مَعبُود، "مُحمّد" مڙني جو مُدا.

(286)

گام ڪٽي غازي، تا نازڪ ڏسن نُور،
سيني اندر سڪ مئون، پيا سمائن سُور،
راتيان ڏينھان روح ۾، اِهو محبتن مَذڪُور،
حاصل ٿين حُضور، وڃي "مُحمّد" مُلاقِي ٿيا.

(287)

اَللّٰه آدم ۾ جِٽا، وچ ۾ بَشر جو بوتو،
ٻاهر ٻولِي ٻِن جِي، اندر هڪ طوطو،
"نَحْنُ اَقْرَبُ" ويجھڙو، غير نہ آيس غوطو،
ڏيان ڏَري ڏوتو، "مُحمّد" پَردي پوش سان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

## "هفتي وار دوهيڙا"

(1)

چنچر ڏينهن چڏي هليا، جوڳي اها جُوءِ
اولاڻتا عام ڪئون، سندي خاصن خُوءِ
رَليا وجي رام سان، "مُحمّد" مُوءِ بَمُوءِ
رِيڏا رُوبَـرُوءِ، واندا نه آهن وصال ڪئون.

(2)

آچر ڏينهن اُتي وجي، اَڏيائون اوتارا
مَتا مستيءَ موج ۾، اُهي مَيا مَتارا
وحدت منجهه وڪوڙيا، "مُحمّد" موچارا
سدا سوپارا، اُهي سُرها آهن سات ۾.

(3)

سومر ڏينهن سمهڻ جي، اصل ڪين ڪيائون
جاڳڻ سندو جيءَ ۾، وري ورد رکيائون
مشاهدو محبوب جو، "مُحمّد" ماڻيائون
مڙئي مُدائون، پَسَڻ منجهه پُوريُون ٿيون.

(4)

اڱاري ڏينهن عاشقن، اندر اُجاريو
مَحويَتَ مام سان، مُلحَد ڪي ماريو
ويو تن وجود مئون، "مُحمّد" مُونجهارو
غازِن گُذارو، اَنهَد اوقاتَ ۾.

(5)

اربع ڏينهن علم ٿيو، اِلاهي اسرار
"خَلَقَ الْاٰدَمُ عَلىٰ صُورَتِهٖ" واه وڻيو ويچار
ڪنيائون خوشيءَ مئون، "مُحمّد" بره بهار
ٿيو مڙوئي يار، رندن واري راز ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(6)

خميس ڏينهن خُماريا، مَردَ وَتن مَخمُور،
سُرڪَ پِي صاف ٿيا، ڪِيِي غير غرور،
سِڪَ سدا سُبحانَ جي، "مُحمّد" سي مَسرُور،
پَريائِي پَرپُور، جوڳِي گهمن جَڳَ ۾.

(7)

جمعي ڏينهن جهان سان، ٿيا سالڪ صُلحارِي،
حقيقت ۾ هڪ ٿيو، نُورِي ۽ نارِي،
جنهن خبر ناهي خيال جي، تنهن "مُحمّد" بازِي هارِي،
ڳالهہ ڳُجِهي سارِي، سمجهڻ ناهين سُترِي.

## "ٽيهہ ڏينهن"

(1)

پَهرئين ڏينهن پريم سان، پُهہ رکن پريتِي،
وحدت ۾ وينا آهن، رسم تنين رِيتِي،
نہ اٿن نينهن نماز سان، نہ ڪڏهن نِيتي،
"مُحمّد" مَسِيتِي، جوڙِن ڪِين جهان ۾.

(2)

ٻئي ڏينهن پروچ سان، نينهن لڳن ناتو،
آهي تن اندر ۾، اُٿڻ تُڻ اوراتو،
ڇايا جنهين ڇاڻ ۾، ڇاڻَ تنين ڇاتو،
"مُحمّد" تن محبوب کي، پُرجهڻ سان پاتو،

(3)

ٽئين ڏينهن ٿِهي ويا، خطرا ڪُل خراب،
تڪڙا ٿيا توحيد ۾، تَرڪُ ڪري تُراب،
ڪاڏائون خوشيءَ سان، منجهيئي قُوت ڪباب،
"مُحمّد" مَٿَ مئيخان جي، مِليُن شوق شراب،

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(4)

چوٿين ڏينهن چاه سان، اُٿي هليا هيڪاندا،
واصِل بِاللہ وصال ڪئون، وارُ نہ ٿيا واندا،
سوئي گڏيَن سپرين، هُيا جنهن لئِہ ماندا،
ڪنهن ارادي آندا، "مُحمّد" انهيءَ ماڳ تي.

(5)

پنجين ڏينهن پهلوان، وجي پختا ٿيا پَچي،
رَسيا رهبر راه ۾، ويڙا رِندَ رَچي،
محبت جي ميدان ۾، مُحڪَم مرد مَچي،
نانگا ناتَ نَچي، وجي "مُحمّد" گڏيا گـُرَ ڪي.

(6)

ڇهين ڏينهن ڇِنيَڻ جو، سارو خيال ختم،
ٻُوٽي وينا اکڙيون، دائم تن جو دم،
بنا عشق اللہ جي، ڪونہ ڪَرِن ٻيو ڪم،
ويسَرِ جو وَهم، "مُحمّد" تن وڃائيو.

(7)

ستين ڏينهن سَنسار جا، مِڙَئِي مزا ڇڏيائون،
اوتارا تہ عجيبَ لئِہ، وڃي اَڃها اَڏيائون،
سِڪائتا سَرير ۾، هِڪُ ساجن سڏيائون،
گـُرَ سان گڏيائون، "مُحمّد" پنهنجي خيال ڪي.

(8)

اَٺين ڏينهن اوقاتُ پِيُن، اندر منجهہ آهون،
دمِ دم درد فراق ۾، وينا ڪن دانهون،
راتيون ڏينهان روح ۾، روز پُڇن راهون،
شل ايندم اوڏاهُون، "مُحمّد" چوي سپرين.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(9)

نائين ڏينهن نيڻن جي، ننڊ ڪيائون ناس،
اولائتا ٿي عام ڪئون، خُلقُ رکيائون خاص،
گهايل آهن گهُورَ ۾، رَنگَ رسايائون راسُ،
"مُحمّد" پنهنجو ماسُ، ڪيائون حوالي هوت جي.

(10)

ڏهين ڏينهن ڏُڪائيا، عاشق سي اَڻ جَهل،
محبت ۾ مستان ٿيا، جهاڳيائون جهنگ جبل،
هليا ويا سي هوت ڏي، پَليا نہ ڪنهن سي پَلَ،
هِڪڙِي ساڻ هَڪل، "مُحمّد" مليا مُحبَّ کي.

(11)

يارهين ڏينهن يقين سان، يار کي ياد ڪَرِن،
ڪاهي هليا قرب سان، دائم دم ڏَرِن،
ڏک ڏولائا ڏاڪڙا، ڏونگر ڪئون نہ ڏرِن،
ڏُران ڏيان ڏَرِن، "مُحمّد" ملاقات جو.

(12)

ٻارهين ڏينهن ٻَڌي هليا، قابُون سي ڪَمَرِ،
ڪنيائون رڳو پاڻ سان، سُورن جو تہ سَمَرُ،
مال مَڏيون محبوب تئون، گهورَ ڪيائون گهَرُ،
ڏنائون سَنياهي سِرُ، "مُحمّد" مُڙيا ڪينڪي.

(13)

تيرهين ڏينهن تڪڙا، ويا تُرتُ رکي توڪل،
پٿر ڪي پرزا ڪري، ويا مانجهِي تنهن مهل،
نازڪ نشي نينهن ۾، ڪانہ پين ڪا ڪَلَ،
ڏئي عشقَ اُڇل، "مُحمّد" رسيا وڃي ماڳ تي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(14)

چوڏهين ڏينهن چؤسولَ تي، جڏهن آين هَٿِ چارو،
نِسري نسنگ نينهن جو، تڏهن مارياٺون نعرو،
ڏناٺون پنهنجي ڏيل ۾، وري عَينَن جو آرو،
سَيرُ ڪياٺون سارو، "مُحمّد" صاحبَ سُونهن جو.

(15)

پندرهين ڏينهن پيار سان، پرت رکياٺون پَڪِي،
"فَاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ" ياد رکياٺون يَڪِي،
"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى"، حرف تنين تي حَقِي،
وحدت واري وَڪِي، "مُحمّد" اٿن من ۾.

(16)

سورهين ڏينهن سُبحان جي، وات اٿن وائِي،
جُنبِي بينا جوش مئون، جذبي سان جائِي،
آيل تنهين ڏينهن ڪئون، اٿن رڳ رڳ ۾ رائِي،
جانب جدائي، اٿن "مُحمّد" اصلي ڪانڪا.

(17)

سترهين ڏينهن سُور جي، اٿن سَنڌَ سَنڌَ ۾ سارَ،
وينا ڪن وجود ۾، سندي پرين پَچارَ،
"نَحْنُ اَقْرَبُ" ويجهڙو، وِٿِي ناهين وارَ،
دوست ناهين ڏارَ، "مُحمّد" وَسي وچ ۾.

(18)

ارڙهين ڏينهن آسرو، اصل عاشقن آهي،
ويا واهيري پنهنجي، قرب منجهئون ڪاهي،
هردم هيئين ۾ هوت جي، سِڪَ رکياٺون ساهي،
لاڳاپا لاهي، "مُحمّد" مليا وجي محبوب سان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

اُوڻويهين ڏينهن اقرار ڪي، پرت رکي پاڙن،
سينو پنهنجو سؤز ۾، سالڪ تا ساڙن،
وِڪَ وڏائي ويجهڙي، وري لائقَ نا لاڙن،
گهاٽَ اُهو گهاڙن، "مُحمّد" وَرق وصال جو.

(20)

وِيهين ڏينهن وجود ۾، ويهي ڪن وَٽاڻُ،
لُونءَ لُونءَ لڳي وِيَن، ٻاروچل جو ٻاڻُ،
پئجي ويو پريت سان، ساجن جو تہ سَنٻاڻُ،
محبوبن جو ماڻُ، "مُحمّد" چُمِي چَشمَن تي ڪنيو.

(21)

اِڪويهين ڏينهن اُليلَ تي، موج مستي پيا ماڻِن،
عاشق عشق اَللهُ ۾، تا آبَ اڪين آڻِن،
تيا هَتِيڪا هوت ۾، ڪنهن طرف نہ ٻي تاڻِن،
چاڻُ اِهو چاڻِن، "مُحمّد" مشاهدو مِيمَ جو.

(22)

ٻاوِيهين ڏينهن ٻول، ٻَهڳُڻَ ساڻ ٻَڌائون،
ڳَنڍيُون اچن ڳانڍڙو، چِنبي ڪِينَ ڇڏيائون،
ويهي وحدانيت جو، وَرهيہ وِرِهُ ونديائون،
روح نہ رَنديائون، "مُحمّد" آرياڻي اورَ ڪئون.

(23)

ٽيويهين ڏينهن ٽِڪاڻو، ٽيو مَردن جو مُحبَن،
حقيقت جي حال ۾، اُهي هَر هَر پيا هُجَن،
سامِن سبق سڪ جا، ثابت تن سُجهن،
موٽي ڪِينَ مُنجهن، "مُحمّد" مُنهن منار ڏي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(24)

چوويهين ڏينهن ڄُپ ۾، تا چوري چال چَلِن،
ڳجهي ڳجهه جي ڳالهڙي، کنهن سان ڪِين سَلِن،
بيهودي بَڪوات ڪئون، پنهنجو پاڻ پَلِن،
جوش منجهه جَلِن، ”مُحمّد“ ڪَلَ نہ ڏين تا ڪنهن ڪي.

(25)

پنجويهين ڏينهن پُورَبَ ۾، پاڻ ويا پيهِي،
سُپرين جي سُورَ ۾، تن دَهڪي نا ديهِي،
جن چَکِي تن کي خبر، آهي رمز تنين ريهِي،
ڏيهَہ اُنهيءَ ڏيهِي، ”مُحمّد“ ويا اوڏهين.

(26)

ڇَوِيهين ڏينهن ڇوهَہ مئون، ڇيهَہ ڏنائون ڇاتِي،
عاشق اُنهيءَ ڏينهن ڪئون، تيا اصل اوقاتِي،
لُونءَ اندر لَقاءَ جي، لِنوَ تَنهين لاتِي،
تيا گهَرَ هِڪي ياتِي، ”مُحمّد“ جدائي ڪانَڪا.

(27)

ستاويهين ڏينهن سفر، ٿيو تن جو سَجايو،
وِيو وجودئون نڪري، هيو اکر اَجايو،
ويڙهي تن جي وچ ۾، پيهي پاڻ پرين آيو،
صاحبُ سَمايو، ”مُحمّدُ“ سيني ۾ صادِرُ اچي.

(28)

اَٺاويهين ڏينهن عُميقَ ۾، تا غازي جوان گهڙن،
تُبي هٽي پاتارَ ۾، پيا قاتل قيرَ قِرن،
نانگا بِي نروار تي، نانهہ مَنجهئون نڪرن،
اُهي ڪڏهن ڪِين ڪِـرَن، ”مُحمّد“ سَمايا سِپَ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(29)

اُوڻٽيهين ڏينهن اسرار جي، ڪَلَ تَنين ڪامِلُ،
هادي شهنشاه سان، وڃي شير ٿيا شامل،
اندروني احوال جو، ٿيو علم عطا عامل،
توحيدي تَجمل، "مُحمّد" حاصل ٿيو هَمراز اچي.

(30)

ٽِيهين ڏينهن ٿهڪا ڪَيُون، وڃي جُڙيا سي جانِبَ،
ويا جدائيءَ ڏينهڙا، سي پورا ٿيا مَطلبَ،
سڄڻ گڏيا وڃي سَڄڻين، واه ماڻيائون مَنصَبَ،
سائينءَ جوڙيا سَببَ، اچي "مُحمّد" جا مَطلُوبُ ٿي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "سِه حَرفِي (ٽيھہ اکري) -1"

## "رَستو رِندِي"

(الف)

آگ اندر ۾ ٻارج تون، غير سيوئي ساڙج تون،
سينو صفا آگهارج تون، ڏيان اِهوئي ڏارج تون،
مامَ محبت ايئن ملندي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ب)

بات بيهُودي بند رکج، پِيت پريت پيوَند رکج،
طلب تنوار جي تَندُ رکج، پيرِ مُغان جي پَندِ رکج،
دائم دل ۾ دردمندي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ت)

تُرتُ کڻج تون قابُون قدمُ، ره غافل نا تون هڪڙو دَمُ،
آهي حال ساروئي تو ۾ هضم، اعتبار اتئي تان اهو عدم،
رک چاه چگو تي چاندِي چندِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ث)

ثابت ڪر تون ڳالھ سچي، ڪڍ قلب پنهنجي مٿون ڪُوڙي ڪَچي،
رَسُ رنگ انهيءَ ۾ راسُ رَچي، موُج مُدامي مرد مَچي،
سَٽِ غَير غُرور جي غافِلَ گِندِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ج)

جَلائج جوش جسمُ، اظهاري روح عَيانُ اِسمُ،
پَندَ انهيءَ ۾ ٿي تون پَسَمُ، قائم ڪر تون قَولُ قَسَمُ،
ناهين سِرائي سنڌي هندي، رمز رکي هل رستو رندي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ح)

حقيقت حال پِراءِ، هر جا صورت هِڪَ سَماءِ،
ڳالهه ڳُجِهي تون ڪِينَ لِڪاءِ، بيشڪ بي رياءِ چئي ٻُڌاءِ،
واه عجائبُ هيءَ وٽندِي، رمز رڪي هل رستو رندي.

(خ)

خواب منجهئون بيدار رهڻ، سختيون سِرَ تي سُورَ سَهڻ،
وحدانيت واهَ وَهڻ، لاثاني ٽي لعل لَهڻ،
آهي نِينهُن نهايت نَدِي، رمز رڪي هل رستو رندي.

(د)

دُوئيءَ جو دامانُ ڇَڏڻُ، خيالَ خَفِيءَ منجهه خيالُ گَڏڻُ،
هڪ هيڪڙائي خيال وٺڻ، سڪ سچيءَ سان صاف سڏڻ،
پڙهه بَحرَ بَقاءَ جي بَندِي، رمز رڪي هل رستو رندي.

(ذ)

ذوق ڪمائج ذاتي تون، پائي پاڻ مَنجهانرُون جهاتي تون،
پوءِ عاشق ٿي اَثباتي تون، لَسَ لاتِ ڪرين لاهوتي تون،
اِها ٻولي روز ازل ڏِي، رمز رڪي هل رستو رندي.

(ر)

رضا تي راضي ٿِيوَڻ، هَستي حال هَمہ کي پِيوَڻ،
"مُوتُوا قَبْلَ اَنْ تَمُوتُوا" جِيوَڻ، خيال پنهنجي کي اوڏهين نِيوَڻ،
جذبي دار ٿي جلدي جلدي، رمز رڪي هل رستو رندي.

(ز)

زياده زور ٻَرج، دم قدم جو ڏيان ڏَرِج،
انهيءَ ڳاراٽي ۾ خوب ڳَرج، جو ڪرڻو تِي اڄ ڪرج،
نہ تہ ويلَ وڃئي ٿي گُذرَندِي، رمز رڪي هل رستو رندي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(س)

سُکَ سيپئي تون سَتِ کٽي، ڏانهن محبت مُنهن نا مَتِ کٽي،
هڪ اندروني اک پَتِ کٽي، کُفر کِينُو ئي کَتِ کٽي،
هِڪَ تارَ وَڄائج توحيدي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ش)

شريعت ساڻ سُڄاڻ، تاڻَ طريقت ڏي تون تاڻِ،
ماڳ معرفت مؤجان ماڻِ، هينئون حقيقت ڏي هَڻ هاڻِ،
وحدانيت ڏي سا وَرندي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ص)

صَبرَ قَراز جي جاءِ، اندر پنهنجي منجهه تون ناهِ،
”وَصَبرًا صَبرُ کري قرب کَماءِ، تار طلب جي تندُ وَڄاءِ،
ٿورَ انهيءَ سان پئي ٿُرندِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ض)

ضلالَت کئون رَهُ ڏُور، حاصل هادي حال حضُور،
قائم کج تون بنا قصور، محتاجي ہي کڍ نا مُورُ،
هڪ سواءِ ٻِي نا سُهَندِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ط)

طلب تکيري رک تمام، هِڪُ عشقُ السّتي وٺ امام،
ہيو ڪاٿي ڇڏ تون کُل کِمامُ، پوءِ عاشقَ لهندين تون انعام،
عَين عنايت اَنهَدِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ظ)

ظاهر باطن عَينَ اَٿِي، ٻيو غير سمجهڻ غَينُ اَٿِي،
تنهنجو تو سان دِن رَيْن اَٿِي، بي رنگ بالا بيچَين اَٿِي،
جوش جَلالي جَڏُبِجَدِي، رمز رکي هل رستو رندي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ع)

عُروجُ عَيانُ اندروني، سُڻ تون گُفتو گُوناگُوني،
بيحد بي مِثلي بيچُوني، آهي بيرَنگ ۾ رنگ رنگوني،
اعليٰ افضل عارف اَحدِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(غ)

غرور ڪرڻ ۾ چاهي، ٻنهي جَهانَن ۾ ڪَس آهي،
ڏَس ڏنو ڪنهن اِهو ڏاهي، ٻوهَ سيئي ڇڏ تون ڊاهي،
خُلقُ رکي هل مُحمّدِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ف)

فِڪرُ فَنائِي فيض فَهمُ، لاهي ڇڏ تون لِڱ لَحمُ،
خالي ڪر تون خيال ختم، دائم رکج دَمُ قَدمُ،
ڪَل اِهائِي اُنهين ڪُل دِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ق)

قُربُ سُڃاڻج ڪير آهي، "وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ" وِتيُر ناهين،
"وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ"، غَير ناهي، سمجھ بنا اَنڌير آهي،
بِن مرشد خبر نہ پوندي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ڪ)

"قُمۡ بِاِذۡنِيۡ"، قول قُرآنِي، صرف "سُبحانِي مَا اَعظَم شانِي"،
"اَلۡاِنۡسَانُ سِرِيۡ"، اِنسانِي، واحد جي ڏس واحداني،
عَرب عراق عَجَم دِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ل)

لَطِيفا من جي مَندر، زير زَبر هَر نُقطي اندر،
بَحر بقائي بيشڪ بَندر، چو تو ڏوين ٻي ڪنهن ڏندَر،
رمز حقاني، هڪ ٿي هلندي، رمز رکي هل رستو رندي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(م)

موجودات مَظْهَر، مَعنوي مَعراج مُطَهَّر،
شَرفُ شاهِي بيکُ بَشر، اَلْانسُ تي اعليٰ اثر،
اَنوارُ سِرِيٰ اَحمَدِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ن)

نِگاهَ ئي نظارو تي، بارُ برهَ جو بارو تِي،
پرت بنا پَسارو تي، وحدت ڏانهن نہ وِسارو تي،
نابُود کري. نامَردِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(و)

واءِ ولايت ويءِ وَصُل، ناهي نقل تي آيو اَصُل،
خطرو خام وڃائي خَلل، سالڪ سمجهڻ آهي سَهل،
بات اِها تِي بَهبُودي، رمز رکي هل رستو رندي.

(هہ)

هِـدايـت حَـرفُ حَقِـي، پـرت وَنـدن پـريـت پَـڪِي،
ياد رکيائون ڳالهہ يَکِي، جِيءَ اندر نا جهوري جَهڪِي،
مُورُ نہ تِنهِن وِسَرندي، رمز رکي هل رستو رندي.

Gul Hayat Institute

(ل)

لاثانِي هَئي لَقبُ، آهي عَجائِبُ هَئي عَجبُ،
هَمذات هَئي اعليٰ حَسَبُ، موجود حق رَحمان رَبُّ،
لاشڪ لَقاءُ ڏِسُ لاحَدِي، رمز رکي هل رستو رندي.

(ء)

اِجابَتَ ڪر قبول، نينهن خود تون ڪر نُزُول،
معاف تين مُونجهان مَلُول، تئي عنايت اَصُل اَصُول،
احسان عطا آسَروَندِي، رمز رکي هل رستو رندي.

Scanned by CamScanner

(ي)

يـگانـو يـاوَرَ يَـقينُ، دَم بَـدم داوَر جـو دِيـنُ،
ساڻ محبت معنيٰ مُبِينُ، مَحض "مُحمّد" آهي مِسڪِينُ،
عرض رکي ٻانهون ٻَڌِي، رمز رکي هل رستو ـرندي.

## "سِه حَرفِي-2"

(ا)

عشق آساني، مليُم جاني،
لعل لاثاني، "مُحمّد" دا محبوب هئي.

(ب)

بره بِشارَت، عَينُ اِشارَت،
ڪَشف ڪَرامتَ، "مُحمّد" ڪُون منظور هئي.

(ت)

تُرت تَمامِي، خطرا خامِي،
مَرد مُدامِي، "مُحمّد" دا مهندار هئي.

(ث)

صاف ثناگر، در دا گداگر،
سالم سَراسر، "مُحمّد" بِي مجبور هئي.

(ج)

جَذب جَلالَت، واه وِصالَت،
خاص خِصالَت، "مُحمّد" قرب ڪمال هئي

(ح)

حساب حقيقت، معاف مُصِيبَت،
اَصل اَصِيلَت "مُحمّد" دا معراج هئي.

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

(خ)

خام خودي، نانهِ نابُودي،

مام موجودِي، "مُحمّد" بيمثال هئي.

(د)

دم دي دوُڙ، ہيائي ہوڙ،

توڙئون توڙ، "مُحمّد" کُون تَلقِين هئي.

(ذ)

ذکر ذاتي، تِئي اَثباتي،

آبُ حياتي، "مُحمّد" زوران زور هئي.

(ر)

راز اِلاهي، هَرجا ماهِي،

نهين ويساهِي، "مُحمّد" مَئي مَخمُور هئي.

(ز)

زَبر زَبُونِي، گُوناگونِي،

بات بيچُونِي، "مُحمّد" چِڪنا چُور هئي.

(س)

سر سنيال، قِيل مَقال،

يلائي يال، "مُحمّد" روز مِيثاق هئي.

(ش)

شُڪر گذار، لک لک وار،

چُم پيزار، "مُحمّد" بِي مَسرُور هئي.

(ص)

صِدقُ يقين، دنيا دِين،

اَمن اَمِين، "مُحمّد" دا مُختيار هئي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ض)

ضَرُور، مَعنيٰ مَذکُور،
غؤر غفُور، "مُحمَّد" طلبگار هئي.

(ط)

طوفان، مشڪل آسان،
دُهرا دانُ، "مُحمَّد" خود پينار هئي.

(ظ)

ظاهر باطِن، تيڏا حُسن،
سيني ساڪن، "مُحمَّد" جان جمال هئي.

(ع)

عطا اِسرار، قرب قَرار،
چمڪي چوڏار، "مُحمَّد" مُلڪ مشهور هئي.

(غ)

غَير غُبار، اونده اَنڌوڪار،
گِيا آزار، "مُحمَّد" دوست ڪا دَستُور هئي.

(ف)

فڪِرُ فَهَمُ، لِڳَ لَحَمُ،
هڏو چمُ، "مُحمَّد" مرشد ڪون دَرڪارِ هئي.

(ق)

قُربُ قَسمُ، جان جِسمُ،
خاڪ بَسمُ، "مُحمَّد" مُڙَنُ محال هئي.

(ل)

لُطف لَطِيفُ، حَرفُ حَرِيفُ،
وِردُ وَظِيفُ، "مُحمَّد" قِيل مَقال هئي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(م)

مَحْوِيَّت، اصل آحَدِيَت،

جاءِ جَمعيَّت، "مُحمّد" دي جال هئي.

(ڪ)

ڪاف "كُنْ فَيَكُوْنُ" مَئي مَضمُون،

دؤر دَرُون، "مُحمّد" دي چالي هئي.

(ن)

نُونُ نهايت، عشق اَمانتَ،

عين عِنايتَ، "مُحمّد" دا مُور هئي.

(و)

واءُ ولايت، قُرب قِناعتَ،

دُرسُ دَلالتَ، "مُحمّد" دا مَذڪُور هئي.

(هه)

هي هدايَتَ، صرف صَداقتَ،

مُونجهه مَلالتَ، "مُحمّد" كَنُون دُور هئي

(ل)

لائقُ، شَرَف شائقُ،

فيض فائقُ، "مُحمّد" دا منتار هئي.

(ء)

الف انعامُ، ڪوثَر جامُ،

پُر پُر علمُ، "مُحمّد" پُر نُورُ هئي.

(ي)

ياوَرُ يَگانا، بيشڪ بيگانا،

شوق شِهانا، "مُحمّد" حَج حضُور هئي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# "سِہ حَرفِي۔ 3"

(ا)

اَحَدُ اَحمَدُ هِڪُ هئي، ڏُوجها ڪوئي ٻيا نهين،
"اَنَا اَحمَدُ بِلامِيمِ" الله اُهندي سِوا نهين،
هرجا هَمذات هئي، آدم اور حَوا نهين،
"مُحمّد" ڪُون دارَين وِچ، ٻيا رهبر رَوا نهين.

(ب)

بِسمِ الله وچ ڪيوين، ايهو رَبي راز ڇپايا،
سمجهڻ والا ڪوئي هووي، ڪِيوين لُدني لات لڪايا،
خاص حوال ڪِنهانُ خاصانُ ڪُون، بيحد ڀيد ٻتايا،
"مُحمّد" هر صورت دي وچ، آپي آپ سَمايا.

(ت)

تَمامِي نهين اُهيندِي، اَنت ڪَنوُن بي اَنت پَڇاڻي،
مُعَلِمُ حافظ قاضي ڪاتِب، ساڌو سنت پڇاڻي،
گل قل گيندو لعل بَدخشان، باغ بَسنت پڇاڻي،
"مُحمّد" هر شَجر هر ٻُوٽي وچ، بالا بندوبست پڇاڻي،

(ث)

ثابت سِر سُبحان هويا، لاشڪ لاَ تہ مَڪاني،
حاضر ناظر هَرجا هوندا، قائم ڪَونَ مڪاني،
ديس بديس دلبر قِرندا، داوَر دُر دُراني،
لاشڪ لاشريڪ لقائي، "مُحمّد" هئي لاثاني.

(ج)

جلال جمال تَهِيندا، ويکين تون هَر واري،
چوڏهِين دي چمڪار مثل، هردم حُسن هزاري،
نانهِ وِچون نروار تيا هئي، نادر نُوري ناري،
"مُحمّد" ڪُون محبوب گهَتِي هئي، ٻَگِل ڳچي وچ ٻَاري.

Gul Hayat Institute
Scanned by CamScanner

(ح)

حرف حقيقت حال هميشہ، رهندا هئي روحاني،
دم دم دي وچ قَلبُ كُشاده، ناوَتِ ذِكرُ زُباني،
خواب وچون بيدار ٿيوسي، راز رَليا رَحمانِي،
"مُحمّد" خود محبوب اُتون، جِندُ جان كِيتِي قرباني.

(خ)

خدائي خيال كَنُون، وارُ نہ ٿيا هك واندا،
صبر قرار نہ آوي مئينُون، پولُ نهين مَنُ پاندا،
نال خوشي دي خيال كَنُون، بار بره سِر چاندا،
"مُحمّد" تيڏي در دا هويا، هردم بَردا باندا.

(د)

درد تيڏي وچ دائم هوندا، خيال ميڏا خُوشنُودِي،
ٻِن ڏيوان مئن صاف سُكان نُون، ناسُ كَران نابُودي،
يار بنا ويران رهان، مئن محض مَنگان موجودي،
"مُحمّد" اپڻي سِر تي سارا، بار چاتا بَهبُودِي.

(ذ)

ذكِر تيڏا مئن ياد كَران، نهين كڏهان نِسيانِي،
فِكر اهين كَنون فارغ ٿِيوڻ، هئي بيحد بي ڈِيانِي،
عشق تيڏي وچ الله الله، هئي عاشق دي عُريانِي،
"مُحمّد" كِيتا مرشد اَڳون، سِر سارا مَهمانِي.

(ر)

راز تيڏا هُڻ مئيكون پاوي، روح كڏان نا رَجدا،
روز ازل ديان لائوان لذيُم، نہ عاشق هان مئن اَجدا،
مِهر پَلائي تيڏي وچ، هئي پول پَلاوَت پَجدا،
"مُحمّد" دا هئي مرشد كامل، عيب ميڏا هئي كَجدا.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ز)

زياده مئينون مذهب، عشق دا درجا عالِي،
هِردي اندر حاصل هويا، ويءُ ولايت والِي،
خاصان دي هئي خاص خِصالت، ڪڏهان نہ ٿيوَن خالِي،
دائم قائم ڏوَر دَرازِي، "مُحمّد" لا وَبالِي.

(س)

سُهاڳ فڪر دا فالم، هَر ويلي حاصل هووي،
تانگهہ تُساڏِي سَنجهہ سُباهِين، هر ويلهي حاصل هووي،
ڪَتِ مَستِي چاڨ چُستِي، هر ويلهي حاصل هووي،
"مُحمّد" ڪُون وَل مئي مَستِي، هر ويلهي حاصل هووي.

(ش)

شَهانا دَمُ مار ڪَراهِين، آوين ميڏي ويڙهي،
معاف ڪرين ڪُل ميڏي اُتون، نَفسي جهڳڙي جهيڙي،
تَوڪَل تُرها بُدَم تيڏا، ٻاجهہ سِين تارين ٻيڙي،
"مُحمّد" ڪُون رک يار سَدائِي، اپٽي وچ ميڙي.

(ص)

صَبر سُڪونَت حال اَسانڏا، هر دم رهندا جارِي،
سِر اَپٽِي تي چاهَئون چاتُم، بار بره دا بارِي،
ٻاجهہ تُساڏِي ٻيڙي ميڏِي، توڪل تُرهي تارِي،
"مُحمّد" روز ازل دي اَصُلئون، ڪڏهان نہ ٿيندا عارِي.

(ض)

ضَلالَت ڏُور اسان تون، مرشد ڪِيتي مِهر يَلائي،
راتيان ڏينهان روح اسان ڏي، واصل وحدت وائي،
قلب ميڏي وچ قربئون ڪامل، جاءِ جُبَرِيل آ جائي،
"مُحمّد" ڪُون ملي در مَحبُوبان، وڻ ٽڻ وچ واڏائِي.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ق)

قرب سچاڻين قول قديمي، ياد رکين يارانا،
کر گُذر هئي گوڙ ڪَنون، وَتِ ياڪِي رهين يگانا،
اَپڻِي ذات پڇاڻ ڪرين، پِڇي بيشڪ هوئين بيگانا،
”مُحمّد“ روز ازل دا هئي، پَن پيا پول بهانا.

(ڪ)

ڪَرامت ڪَونَ مَڪانِي، ڪامل هئي تہ قَضائِي،
راز رَبُوبي رَمز رنداني، رهبر راهِ رَضائِي،
آب داني دِي قيد نِياوِي، سيني صاف سَرائِي،
”مُحمّد“ ڪردا وچ ميدان دي، غازِي غَزَن غزائِي.

(ل)

لياقت لُطف لطيفي، قُرِ لازم هئي لاثاني،
سر ميڏي تي سُنو وي سَيان، بره اُتا باراني،
حال حقيقت هِردي حاصل، ڪاتيا غير گُماني،
”مُحمّد“ دا هئي مرشد ڪامل، جابر جُنگ جِيلاني.

(م)

معنيٰ وچ ماهر ٿيوين، مستي موج مدامي،
وِير وَحدت وچ واصِل بِالله، خطرا ڳيا ڪُل خامي،
خاص خاصان دي خيال ڪَنون، ڪيا ڄاڻن لوڪ عوامي،
”مُحمّد“ ڪُلي روز ازل دي، دائم دِيد دوامي.

(ن)

نِهايت نانهِ اُهين دِي، بالا بيحد بي پايانُ،
اوُج اِلاهِي اعليٰ اڪمل، شان شَرَفُ هئي شايانُ،
اصل ڪنون اُهين سهٽي ديان، جابجا هِن جايانُ،
”مُحمّد“ ٻيتا راتيان ڏينهان، ڳُڻ هادي دي ڳايانُ.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(و)

ولايت والِي وَحدت، وَحْدَہٗ وصالي،
بَرتر بالا افضل اعليٰ، بيرنگ بي نہ مثالِي،
قائم قديم تي قادر، کُھنا قرب کمالِي،
"مُحمّد" حاضر ناظر هرجا، لاشڪ لا نہ زوالِي.

(ھ)

هدايت هَئِي اُهين دِي، هر شئي دا هَئي هادِي،
عرش فرش اَفلاڪانْ اُتون، عَين کِيتِي آبادي،
هَر گَهڙِي هَر ساعت دي وچ، واه عَجب اِمدادي،
"مُحمّد" مَنگدا در تيڏي تي، عشق والي اِرشادي.

(ل)

لاثاني لامَڪاني، لاهوتي لاغرضي،
لُونءِ لُونءِ دي وچ آپ سَمايا، لاشڪ نا لرزي،
ظاهر باطن ذات پَڇاڻين، فرق ڪِدين فرضي،
"مُحمّد" خاص خِصالت سُهڻِي، محبوبان دي مرضي.

(ء)

اِظهارِي باغ بهاري، هر ڪنهن هِردي اندر،
دُرس دُواري وَسندا، ڪِيا مسجد ڪِيا مَندر،
فِکر فَنا دا فرق نہ آڻين، بَحر بَقائِي بَندر،
"مُحمّد" هئي موجود سدائين، ڀيا ڪِيُون ڏِوين ڏنڏر.

(ي)

يارِي لاوين توڙ نياوين، محض پڇتي نہ هَٽين،
نال اُهين دي تِي نرواري، سَگ سياپا سَٽين،
آپ وِڇون تون آڻ اُهينڪُون، ڪافُ ڪَشالا ڪَٽين،
"مُحمّد" اُهين مُحبَّ ڪَنُون، مُنهن نہ هر گز مَٽين.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

## ”سِه حَرفِي- 4“

## ”اَز لِسانُ الغَيبِ“

(الف)

آه عشق دي آوندي هي، سڙي جان جگر جِسمات ميڏي،
وهم وجودي ويران ڪُلِي، ڳئي خام خودي خَصلات ميڏي،
هڪ دي نال هِڪا هِڪ هوئي، دُوئي دُور دغا دَرجات ميڏي،
رِتان ڪَتان سڀ ره چُڪيان، ٻي مُنجهه ڳئي مَسلات ميڏي.

(ب)

بات بره دي سمجهڻ مشڪل، باري بار برابر چاوڻا هئي،
”مُوتُوا قَبلَ اَن تَمُوتُوا“، مرڻئون اڳي مرجاوڻا هئي،
انگ ڀڀوت رَماڪي جوڳي، اپٽي سرتي خاڪ وَساوڻا هئي،
اِنهين حال ڪُون چا بحال ڪرين، لاوڻا توڙ نباوڻا هئي.

(ت)

تُهمَت ساري جڳ دي، مئن چاه ڪَنُون وَل چاتي،
نانُهِن نَفِي نابُود نمايا، عَين عجب اثباتي،
يار يقين سدائين ثابت، چرڪ ڳئي ڪُل جاتي،
مِهرِ مُغان پڳدارِ پِيران، مَئن رمز ڳُجِهي ڳُجهه پاتي.

(ث)

ثواب گناه دي غرض نه ڪائي، پيالا مست مليا مَخمُور ميان،
نفل نمازان وِرد وَظيفي، ڪاٿيا ڪُل قُصُور ميان،
مَحويَت مَئي جام صراحي، مؤج اِنهين مَسرُور ميان،
سِڪ دي تَندُ پيوَند ڪِيتا، حاصل حال حُضور ميان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ج)

جَهان ڏُونهين مئيڪون وسر ڳئي، قِيل قال هادي دي سنڀال رهي.
”لامَقصُودُ فِيْ الدَّارَيْنَ“ فِدا، اُتان ٻي نہ ڪَنهِين دي مجال رهي.
گوناگُون گويا گفتار غيبي، معنيٰ مُول تي ماه مثال رهي.
دلدار ديهي وچ ديرا لايا، ٻي ڪيهي ڪافُ ڪَشال رهي.

(ح)

حَرف حقيقت آنِ پيا، تَئِي روشن رات بَدر دِي،
ظُلمات ڳئي چمڪار تيا، در صافي صاف صَدر دي،
اصغر جنگ جَدال نهين، تَئِي فتح جنگ اڪبر دي،
اسرار اِلاهي موج مدامي، هَرجا هَر مَظهَر دي.

(خ)

خوف ڪنون لاخوف هووين، ٻَن يولي بَشر بهاني،
”اَلْاِنْسَانُ سِرِىْ وَاَنَا سِرَّهٗ“، آيت ويک قرآني،
دونون جڳ وچ تيڏا هويا، ظاهر نام نشاني،
آپ ڪُون آپ وسار نہ ڪڏهان، لهہ ڳيا گوڙ گماني.

(د)

ديدار تيڏا هر هنڌ هويا، محض شَڪُ نہ آٽين،
”فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ“ صحيح سر سڃاٽين،
حُبابُ رَليا درياه وچي، پِيل تيا وَل پاٽي،
بحر بقا ديان لهريان لاشڪ، مخفي مؤجان ماٽين.

(ذ)

ذات صفت وچ فرق نہ ڪوئي، هِڪو هڪدم هويا،
”خَلَقَ الْاٰدَمُ عَلٰى صُوْرَةٖ“ گويا سوئي جويا،
هجر وصال سدائين ثابت، سويا سوئي رويا،
وحدت ڪثرت قرب ڪَمالا، پِرت اِنهِين وچ پويا.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ر)

راز رَبُوبِي آنِ کُليا، سو جَهلَ کَنهِين نا جَهلدا،
آتش عشق آڙاه اندر وچ، مچ مدامي ٻَلدا،
هانءَ ڦقڙ تي جيرا ٻُکيان،جوت اِنُهِين وچ جَلدا،
سؤ سُکان تي ساوِين سَٽي، سُور کَنهين نا سَلدا.

(ز)

زُهد کَنُون هئي زاري ميڏي، ذاتي ذوق زياده زور،
وچ ٻيلي دي شير گجيندا، شاهي کريندا شور،
ماسُ هڏان تون پيا رَڙکيندا، چالاکي وچ چور،
کاندا پيندا کجهه نهين، هئي مخفي ماس خور.

(س)

سبق پڙهيا مَئن تہ انَا الُحَقُ دا، سو تہ ياد رهيا نہ وسار ڇوڙيم،
بحر وحدت وچ غير ٻيائي، ٻول کَرانِهين ٻوڙيم،
بازيان لک لک بيک کَرانِهين، عشق دي خيمي کوڙيم،
محبوبي محلات وچون، جِنسار عجب چا جوڙيم.

(ش)

شَک شِرکُ سپ لاه کَرانِهين، هوکا حق دا ڏيندا هانُ،
آوڻ الله جاوَڻ هُو، اِهو سبق سنيال پڙهيندا هان،
دم منصوري مست مُقَيَّد، تکبر کُون چا تڙيندا هان،
دائم قائم دست درازي، کنهن وچ نا اَڙيندا هان.

(ص)

صداقت ناز نهاني، بيرنگ باتيان کُليان،
هَر هَر ٻُوٽي هَر هَر ديهي، هرجا حاضر هُليان،
سوچ سجاڻ تي سمجهه رکين، عشق دي ڇولي ڇُليان،
اگ اِتانهين مُول نہ هونديان، عدم کنهن چا ڇُليان.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ن)

نُور حُضور ظَهُور تيا، گِردان گَرد غُبار ٿِيا،
"اَنَا نُورُ اللهِ كُلِّ مِنۡ نُورِىۡ"، اوندهه انڌوڪار ٿِيا،
"لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شيءٌ"، پرور دي پڪار ٿِيا،
مُلڪان مُلڪ مُنادِي هوئِي، يَو پُول والي پَلڪار ٿِيا.

(و)

وصالِي لا زوالِي، جوتِ جَلالِي جاري هئي،
لاَوَبالِي قُرب ڪمالِي، بيمثالِي باري هئي،
"وَاللهُ غالِبٌ عَلٰى اَمۡرِهٖ" اَحد وِچون اِظهارِي هئي،
"اِقۡرارٌ بِلِسَانِ وَ تَصۡدِيۡقٌ بِالۡقَلۡبِ" ڪؤن ٻيا اِنڪارِي هئي.

(هـ)

همراز ايهو پرواز ڪريندا، شهباز شڪاري شورِي،
مِنقار چُنگل وچ جوئي آوي، اُس ڪاٿي ڪنڌ ڪَتورِي،
"اَلۡعِشۡقُ نارٌ يُحَرِّقُ" آوندا زوران زورِي،
نال اِنُهين دي ڪيا لڙيندي، بلڪل بُلبُل پورِي.

(لا)

لاثانـي لامـڪانـي، ڪَـوۡنُ مَڪانـي قـائـم،
"لاَخَيۡرَ فِيۡ عَبِيۡدِىۡ" ديهيءَ ري هئي دائم،
ڪِتان نانءُ قهار رکيندا، ڪِتان رَحمٰنُ راحِم،
ڪِتان حج زڪواة نماز پڙهيندا، ڪِتان سدائين صائم.

(ء)

اِبتدا نَهين اُنِهين دِي، نڪا اِنتها اَڪثر،
قيد ڪَنُون لاقيد هويا، هرجا حاضر ناظِر،
"لاَيَمُوتُ وَلاَيَفُوتُ" هئي ثابت سَربَسر،
زبان درازي بند ڪَريجي، رکڻا صاف صبر.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ي)

يارُ جَڏهن سينگار ڪريندا، مُشڪُ عطر هُٻڪار هَڪِي،
"اِنَّ اللہ جَمِيلٌ وَيُحِبُّ الْجَمَالُ" پرت رکيندا پَڪِي،
صورت دا سلطان سوِيارا، ياوَرُ يڪا يَڪِي،
مُرڪَڻ نال مشتاق موهيندا، "مُحمَّد" مَدني مَڪِي،

## "قِصو ڪُڙمِيءَ ۽ گڏه جو"

(ڪ)

ڪڙمي چوي گڏه کي، تون پوک پَرائي نہ پَٽِ،
ڪاوڙ مٿون ڪَنڌ جِي، متان لوٺيا لڳيئِي لَٽِ،
تو بِي اڄ ڏينهن تائين، کاڌہ ڪئي ڪا گھٽ،
هاڻي وٺي ٻاهرين وَٽِ، پڇي وڃ بدمعاش تون.

(گ)

گڏهُ چئي ڪڙميءَ کي، تون چوتو ڳالهائين،
پوکان پَٽڻ ڪم اسان جو، ٻئي ڪي طاقت ناهين،
ٻُک مرنداسي ڪينکي، جنهن کي ڪاهٽي آسا ڪاهي،
سَنگَ پَجَندس ساهي، جاٽئون وٽندا جيترا.

(ڪ)

ڪڙمي چوي گڏه کي، هِڪُ سَنگَ نہ ڏيندوسانءِ،
راڏمِ تولئہ ڪينکي، جُوتا تون نہ جَڪاءِ،
ناحق نِدورا پنهنجو، مغز ڪِيڻَ کپاءِ،
هاڻي اِهو تُنهنجو تاءُ، ڪنهن کي وٺي ڪينکي،

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(گ)

گڏھ چوي ڪڙميءَ کي، پير نہ پوئتي پايان،
راتيون ڏينهان رمز سان، ڪِميُون پيو ڪاوان،
خوف خطرو ناھ ھيو، پولو نا پانيان،
ھِي ماڳ نہ مٽايان، جو پيلان پيليُم ڪيتريون.

(ڪ)

ڪڙمي چوي گڏھ کي، او قديمِي ڪُوڙا،
ھَٽُ ھرگز نہ ڇڏئين، مَتِيُن جا مُوڙھا،
توڙئون تَرَجِي آئيين، چاپلُوسِي ڇُھڙا،
ھاٿي ھِتِ ٻَڌِج نہ ٻوڙا، متان ھيڪاندو ھَلاڪُ ٿِين.

(گ)

گڏھ چوي ڪڙميءَ کي، ڪير ھَلاڪُ ڪري،
سواءِ زيان ڪرڻ جي، منهنجي ساعت ڪين سري،
پوک پڪي جنهن جاءِ تي، اُتي ھٽان ڇَڪ پري،
توڙي پنڌ پري، تہ ٻي مُڙڻ ڪم نہ منهنجو.

(ڪ)

ڪڙمي چوي گڏھ کي، پئين لَعنتي لَڙِي،
زميندار سِپاھ سان، جَڏِي آيو چُستُ چِڙھي،
تو جھڙن تيرھن کي، ڏيندو ٽُرتُ تَـڙِي،
ڪري قيد ڪَڙِي، نيئي ڏِڪائيندءِ ڏِڪَ ۾.

(ف)

گڏھَ ڪئي ڪڙميءَ سان، ادا دُرسُ دغابازي،
فسادِي ڦِڪو ٿيو، گوءِ ڪنئين غازِي،
”گھوٽو“ چوي گڏھ ڪئي، ڪڙميءَ سان آزِي،
پاڙھين تي قاضي، ھليو ويو ھَتراڏَ مئون.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

(ن)

ڪڙمي آهِ انسانُ پوک آ ايمانُ، گَڏه آهِ شيطانُ،
بيهُودي بلا ڪئُون، جَنگ ڪَتي ڪو جوان،
ٽيندو ڪُل اُمتَ تي، راضي شل رَحمان،
بچيو تَنِي ايمان، ڪلمُون جن قَلُوبَ ۾.

ڪ = ڪُڙمِي - گ = گَڏه

ف = فيصلو - ن = نصِيحت

## ”ٻہ تاريخي شعر“

مُحمّد فقير ڪتياڻ ۽ مُحمّد فقير گهوٽو سائين جن جا، هڪ ٻئي ڏي موڪليل شعر:

**مُحمّد فقير ڪتياڻ:**

عاشق اصل اَويسِي، وحدت وصال ويسِي،
مشهور ٿيو مَهيسِي، ”مُحمّد“ متي اگهاڙو.

**مُحمّد فقير گهوٽو:**

لدني علم جا پنا، پِرتَئُون پڙهيل،
لاڏَڙڪ لاحجابِي، ڪنهن ۾ ناهي اَڙيَل،
جوشَئُون جِيءُ جلائي، ڪُوڀُو قدم ڪُڏائي،
رَمزان رِندِي رَلائي، ”مُحِمّد“ متي ڍَڪيَل.

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner

# ”منظومِ مُحمّدِي“

فقير روشن ضمير حضرت محمد فقير گهوٽو ﷫ جن جي شاعريءَ جو هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. پاڻ سڳورا بي بها رهبر، عظيم المرتبة صوفي ۽ بلند پايہ توحيدي شاعر هئا. همہ اوست ۽ وحدت الوجود جا قائل هئا. تصوف ۾ ”قادري قلندري“ سلسلي سان منسلڪ هئا. پاڻ سڳورا 1896ع ڳوٺ حسين ٻيلي تعلقہ ۽ ضلعو گهوٽڪي ۾ مولوي عبدالحق جي گهر ۾ تولد ٿيا. سنڌي، قرآن و حديث، عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪيائون. پهريان پاڻ مولوي هئا پوءِ وري تصوف ڏانهن لاڙو ٿين ۽ وڏو قربِ الاهي حاصل ڪيائون. سندن شاعري سنڌي، سرائيڪي، هندي، اردو ۽ ڪجهہ فارسيءَ ۾ بہ آهي. اِنْ شَآءَ اللهُ پڙهندڙن ڪي سندن ڪلام مان قلبي سڪون ۽ رهبري ملندي. سندن فيض مان ڪيترائي طالب فيضياب ٿيا. پاڻ سڳورن 63 ورهين جي ڄمار ۾ 5 اگسٽ 1959 بمطابق 21 صفر 1379 هجري تي وصال فرمايو. سندن درگاهہ ۽ روضو مبارڪ ڳوٺ حسين ٻيلي تعلقو ۽ ضلعو گهوٽڪي ۾ مرڪزِ رجوعات آهي، جتي هر سال 21- 22 ۽ 23 صفرالمظفر تي ساليانو عرس مبارڪ عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي.

ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

Gul Hayat Institute

Scanned by CamScanner